ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 19 نومبر 2025ع 27 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپه شمارو (96)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اقتصادي رابطا ڪميٽي دفاعي منصوبن لاءِ 50 ارب روپين جي گرانٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ناڻي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ قومي سلامتي، دفاع، غذائي تحفظ ۽ پيٽروليم شعبن ۾ سڌارن بابت مختلف سمريز تي غور ڪيو ويو

وفاقي سول آرمڊ فورسز جي استعمال ۾ ايندڙ دفاعي سامان جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 10 ڪروڙ 3 لک روپين جي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني وئي

سرحدي نگراني، داخلي سلامتي، قانون ۽ نظم و ضبط جي بحالي لاءِ وفاق سول آرمڊ فورسز جي معاونت بابت 84 ڪروڙ 15 لک 60 هزار روپين جي منظوري

اجلاس ۾ پيٽروليم ڊويزن طرفان آف شور تيل ۽ گيس جي کوُلها جي بلاڪس جي مدي ۾ واڌ ۽ ورڪنگ انٽرسٽ جي منتقلي بابت سمري جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) جو اجلاس گذريل ڏينهن هتي ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ قومي سلامتي، دفاع، غذائي تحفظ ۽ پيٽروليم شعبن ۾ سڌارن بابت مختلف سمريز تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ گهرو وزارت ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرولجي درخواست تي وفاقي سول آرمڊ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جو سعودي عرب کي ايف-35 ويڙهاڪ جهاز وڪرو ڪرڻ جو اعلان

سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان وائيٽ هائوس ۾ اهم ڳالهين لاءِ پهچي ويو

آمريڪا سعودي عرب کي ايف-35 جهاز ڏيڻ تي راضي ٿي ويو آهي: صدر ڊونلڊ ٽرمپ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا سعودي عرب کي ايف-35 اسٽيليٿ ويڙهاڪ جهاز وڪرو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

صدر پاران خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

مُلڪ ۾ پرڏيهي مدد سان ڪم ڪندڙ دهشتگردن جو مڪمل خاتمو ڪنداسين: صدر

پارٽي ڪارڪنن سميت انهن جي اڳواڻ عالم محسود جو مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب حڪمت عملي آهي

قومي اتفاق راءِ کي خراب ڪرڻ لاءِ ڪنهن به سطح تي ڌيان هٽائڻ جي ڪا به سياسي چالبازي يا ڪوشش برداشت نه ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري خيبر پختونخوا ۾ ٻن ڪامياب آپريشنن ۾ 15 خوارج کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پشاور هاءِ ڪورٽ خيبر پختونخوا جي وڏي وزير جي حفاظتي ضمانت ۾ 27 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان کي ايران جي صدر جو خط ملي ويو

رياض (اي پي پي) سعودي ولي عهد شهزاده

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان جرمني جي سفير انا ليپيل ملاقات ڪري رهي آهي

آمريڪا کان پاڪستان تائين ڀارت کي سنڌس 7 جهاز ڪيرائڻ جي ياد ڏياريندا رهنداسين: پ پ چيئرمين

اسان بند ڪمرن ۾ آزاد ڪشمير جي حڪومت نه هلائينداسين، ذوالفقار علي ڀٽو وانگر کُلي ڪچهري ڪنداسين: بلاول ڀٽو

ڀارت کي هڪ مهيني ۾ جنگي ۽ سفارتي محاذ تي جيڪا شڪست ڏني، ان ڪانپوءِ پاڪستان جو معيار بلند ٿيو ۽ مودي هر هنڌ منهن لڪائي ڦرندو ٿو وتي، دشمن کي شڪست ياد رهندي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي سندن غيرمتزلزل عزم ۽ حوصلي تي سلام پيش ڪريون ٿا، ڀارتي پراڪسي دهشتگردن کي مارڻ وڏي ڪاميابي آهي

ملڪ کي دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي "عزم استحڪام" مهم جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا ۽ ڀارتي پراڪسيز دهشتگردن ۽ سندن ساٿين جو صفايو ڪنداسين

پ پ جو بنياد لاهور يا لاڙڪاڻي ۾ نه بلڪ ڪشمير ۾ رکيو ويو هو، بينظير ڀٽو سڄي دنيا ۾ ڪشميرين جي آزادي جي ترجماني ڪئي، جتي سندن پگهر ڪرندو اتي اسان جو خون هوندو

۾ پيرا پ پ جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو، پر اسان پنهنجي پرامن سياسي جدوجهد کي جاري رکيوسين، پي ڊي ايم جي دور ۾ فيصلو ورتو پيو وڃي ته اسان قومي مفاد ۾ فيصلو مڃيو هو

اوهان سياست کي ڏٺائيندا آهيو ته وزيراعظم درست نمائندگي نٿو ڪري سگهي، پوءِ عوام احتجاج ڪندو آهي، هاڻي ڪشمير لاوارث ناهن، ڇوته هاڻ سندن نمائندو فيصل راٺوڙ ۽ بلاول ڀٽو آهن

آزاد ڪشمير حڪومت لاءِ شروعات 6 مهينا سخت امتحان ٿي سگهي ٿو، پر وزيراعظم مسئلا حل ڪندو هو ڪابينا جوڙي ذوالفقار علي ڀٽو وانگر کلي ڪچهري ڪندو ۽ ڪنهن ڪرڇ ۾ ويندو

اسلام آباد مان جيڪا به ضرورت هوندي ان لاءِ آئون پاڻ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري ڳالهائيندس ۽ اهو حق اسان ڏيارينداسين: پ پ چيئرمين جو وزيراعظم آزاد ڪشمير جي حلف برداري تقريب ۾ خطاب

مظفرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڀارت کي عبرتناڪ شڪست ڏيڻ بعد سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو معيار وڌيو آهي. مظفرآباد ۾ نئين چونڊيل وزيراعظم فيصل راٺوڙ جي تقريب حلف برداري کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته ڀارت کي هڪ مهيني ۾ جنگي ۽ سفارتي محاذ تي جيڪا شڪست ڏني ان ڪانپوءِ پاڪستان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ حلف کڻي ورتو

اسپيڪر چوڌري لطيف اڪبر نئين چونڊيل آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ کان حلف ورتو

تقريب ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، گلگت بلتستان جو گورنر سيد مهدي شاهه، فريال ٽالپر اعليٰ سول قيادت ۽ عسڪري اختياريون به شريڪ

آصف علي زرداري، فريال ٽالپر ۽ بلاول ڀٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان جن مون کي هي ذميواري ڏني: وزيراعظم آزاد ڪشمير فيصل

مظفرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آزاد جموں ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو. حلف برداري جي تقريب ايوان صدر ۾ ٿي جنهن ۾ آزاد ڪشمير اسيمبلي جي اسپيڪر چوڌري لطيف اڪبر نئين چونڊيل آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ کان حلف ورتو. حلف برداري تقريب ۾

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف آمريڪي سکن جي صدر جسديپ سنگهه کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي، قانون وارو وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ پڻ موجود آهي

ڪي پي ڪي ۾ فورسز جو آپريشن، ڀارت نواز 24 دهشتگرد مارجي ويا

خيبر پختونخواهه ۾ ٻن جُدا جُدا ڪارروائين ۾ ڀارتي حمايت يافته 24 دهشتگرد ماريا ويا: آءِ ايس پي آر

پهرين ڪارروائي ڊيرا اسماعيل خان ضلعي جي ڪلاچي علائقي ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪئي وئي

اتر وزيرستان جي دته خيل علائقي ۾ ٻي ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز 9 وڌيڪ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز خيبر پختونخواهه ۾ ٻن جُدا جُدا ڪارروائين ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج جي 24 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي. پاڪ فوجي جي عوامي لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان موجب 15 ۽ 16 نومبر تي خيبر پختونخواهه ۾ ٻن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سينيٽر شيري رحمان جو گهٽ عمر جي شادي خلاف تاريخي قانون سازي تي بلوچستان حڪومت کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت نئين گاج ڊيم ڪيس جي ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر ملاقات ڪري رهي آهي

پاڪستان ۾ سک برادري لاءِ سهولتن کي يقيني بڻايو پيو وڃي: وزيراعظم

آمريڪا ۾ رهندڙ سک برادري جي تنظيم جي صدر جسديپ سنگهه وزيراعظم سان ملاقات ڪئي

پاڪستان ۾ سکن جون ڪيترين ئي مقدس مذهبي جايون موجود آهن، پاڪستان ياترين جي مهمان نوازي ڪري ٿو

سک برادري جي ڀلائي ۽ سڄي دنيا مان سک ياترين کي وڌيڪ سهولتن جي فراهمي بابت حڪمت عملي جوڙينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان ۾ سک برادري جي مقدس جاين ۽ گوردوارن جي سارسنڀال ۽ هر ممڪن سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. اهڙن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران شيخ حسينه واجد جي موت جي سزا واري فيصلي تي افسوس جو اظهار

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن چيو آهي ته بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي انسانيت خلاف ڏوهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ پاڪستان ۽ فن لينڊ جي وچ ۾ ٻطرفي سياسي مشاورت جو ڇهون دور

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ فن لينڊ جي وچ ۾ ٻطرفي سياسي مشاورت جو ڇهون دور اسلام آباد ۾ ٿيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

جاپان ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه، 3 ڄڻا اجل جو شڪار

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي صوبي فوڪوئوڪا ۾ ننڍو جهاز ڪرڻ سبب جهاز ۾ سوار 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. مقامي ميڊيا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پوري قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺي آهي: وزيراعظم

دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊيره اسماعيل خان ضلعي جي ڪولاچي ۽ اتر وزيرستان ضلعي جي دته

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير سان آمريڪا جي وقتي سفير جي ملاقات

ڌماڪي سبب مارجي ويل ماڻهن جي وارثن سان همدردي جو اظهار

پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا دوستي ۽ گڏيل اعتماد تي ٻڌل آهن: گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر ملاقات ڪئي. وقتي آمريڪي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪ فوج جو عزم واکاڻ جوڳو آهي: اياز صادق

دته خيل ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب آپريشنز تي فورسز کي خراج تحسين

دهشتگردي جي ناسور جي خاتمي لاءِ قومي اتحاد ۽ ادارن وچ ۾ سهڪار اٽل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ڊيره اسماعيل خان ڪلاچي ۽ اتر وزيرستان جي علائقي دته

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي قابض فوج پاران فلسطيني عوام تي ڏاڍ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي: پاڪستان

والاريل اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني عوام جي خلاف مسلسل پرتشدد ڪارروائين جي شديد مذمت ڪريون ٿا

اهڙي طرح جا قدم عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي واضح خلاف ورزي آهن

پاڪستان ٻه رياستي حل تي ٻڌل منصفاڻي، جامع ۽ پائيدار امن جي حمايت ۾ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسرائيلي قابض فوج ۽ انتهاپسند آبادڪارن پاران والاريل اولهندي ڪناري ۾ فلسطيني عوام جي خلاف مسلسل پرتشدد ڪارروائين جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ مسجد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ جرمني جي سفير اينا ليپيل جو اي پي پي هيڊ ڪوارٽر جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ٿائيلينڊ جي وچ ۾ ٻطرفي سياسي مشاورت جو ٻيون دور

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي وارو وفاقي وزير سردار محمد يوسف مصر جي سفير ڊاڪٽر ايهاب محمد سان ملاقات ڪري رهيو آهي

Generation's Shield: A One Health Approach to Vaccination, Adolescent Health, and Climate Change
ber 18, 2025
Conference 2025
NUTRITION

اسلام آباد: تعليم ۽ ووڪيشنل ٽريننگ جي مملڪتي وزير وجيهه قمر انٽرنيشنل پبلڪ هيلٿ ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهي آهي

سنڌ جي وڏي وزير پاران آرٽ ايگزيبيشن جو افتتاح، نمائش تخليق ۽ روحانيت جو شاندار ميل قرار

فنڪارن نور علي نور Light Upon Light جي مفهوم کي علامتي شڪلن، خطاطي ۽ مقدس ڊيزائن ذريعي پيش ڪيو آهي: مراد علي شاهه

اهڙيون سرگرميون سماجي هم آهنگي کي مضبوط ڪن ٿيون، نوجوانن کي پنهنجي ورثي سان جڙڻ جا اهم موقعا فراهم ڪن ٿيون

مان اهڙين وڌيڪ ثقافتي ڪوششن جو منتظر آهيان جيڪي تخليق، ڳالهه ٻولهه ۽ اتحاد کي هٿي ڏين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪيول آرٽ گيلري ۾ Light Upon Light آرٽ ايگزيبيشن جو افتتاح ڪيو جيڪا ريذيڊنٽ آرٽس پاران دعوت هدير جي سرپرستي هيٺ منعقد ڪيل هڪ اهم ثقافتي تقريب آهي. هي نمائش جنهن جي ڪيوريٽر عليفيه عباس علي آهي دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل فنڪارن کي گڏ ڪري ٿي ته جيئن الهي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه دعوت هدير پاران ڪرايل نمائش ڏسي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ايندڙ هفتي کان ڊبل ڊيڪر ۽ نيون اي وي بسون پهچي وينديون: شرجيل ميمڻ

سنڌ سرڪار ڊسمبر تائين اي وي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ ۽ هلندڙ سال 500 وڌيڪ بسون خريد ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي

سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ به جلد پيپلز بس سروس جا نوان روٽ شروع ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، جنهن لاءِ آپريشنل تياريون مڪمل ڪيون وڃن

سمورن ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ عورتن ۽ شاگردياڻين جي لاءِ اسڪوٽيز هلائڻ جي تربيت جو سلسلو شروع ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سرڪار سنڌ جي عوام جي لاءِ هڪ ٻي خوشخبري جو اعلان ڪندي ڪراچي ۾ ايندڙ هفتي کان ڊبل ڊيڪر بسون ۽ نيون اي وي بسون روڊن تي آڻڻ ۽ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ پيپلز

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ آئيني عدالتن جي قيام لاءِ آرڊيننس جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ آئيني عدالتن جي قيام بابت اهم اڳڀرائي ٿي آهي. قائم مقام گورنر سنڌ اويس قادرشاهه "دي ڪونسٽيٽيوشنل بينچز آف سنڌ هاءِ ڪورٽ پروسيجر اينڊ پريڪٽس آرڊيننس 2025" تي دستخط ڪري آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو آهي. ترجمان موجب آرڊيننس فوري طور نافذ العمل ٿي ويو آهي، جنهن تحت سنڌ ۾ باقاعدي آئيني عدالتون قائم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار روس جي نيشنل سينٽر پهتو

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سپريم جوڊيشل ڪائونسل، جوڊيشل ڪميشن ۽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪميٽيءَ جي نئين جوڙجڪ

شفافيت ۽ اداري جاتي تسلسل جي اصولن تحت نئيون نامزدگيون ڪيون ويون آهن: سپريم ڪورٽ جي پڌرائي

هاڻ عدالتي احتساب، ججن جي مقرري ۽ عدالتي طريقيڪار جي نگرانيءَ ۾ پنهنجو مرڪزي ڪردار جاري رکندو

اسلام آباد (اي پي پي) 27هين آئيني ترميم تحت اهم آئيني ۽ قانوني عدالتي ادارن خاص ڪري سپريم جوڊيشل ڪائونسل (ايس جي سي)، جوڊيشل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ميرپور ماٿيلو ۾ ٻاڙن چوري الزام ۾ ٻن نوجوانن کي ٽنگي وحشاڻو تشدد، جوابدار گرفتار

وڏيري نديم قريشي پنهنجي عدالت لڳائيندي ناصر ۽ سلطان خشڪ تي بي رحماڻو تشدد ڪيو

وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي جو نوٽيس بعد جوابدار ۽ نوجوان گرفتار ڪري ورتو

واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو پوليس ۽ وڏيري کي ڇڏائڻ لاءِ ڀوتار سرگرم، ڳالهيون هلندڙ

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ٿاڻي کان سڌ پنڌ تي واقع وڏيري علي گوهرٽائيج جي شادي هال تي گذريل رات هڪ ديگ مبينه طور چوري ٿيڻ جي الزام هيٺ وڏيري نديم قريشي پنهنجي عدالت لڳائيندي ٻن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نوشهروفيروز پوليس پاران ذوالفقار ٻهڻ جي گهران ڌاڙي جي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جيسل بلوچ گينگ جي پنجاب جي علائقي جهنگ مان جوابدار عثمان سيال کي گرفتار ڪيوسين: ايس ايس پي

جوابدارن وٽان 53 لک روپيا روڪ، سون ۽ ٻه ڪلاشنڪوف هڪ پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن

ايم اين اي ذوالفقار ٻهڻ پاران آپريشن ۾ حصو وٺندڙ پوليس آفيسرن ۽ ٽيم کي 25 لک روپيا انعام روڪ جو اعلان

نوشهروفيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) ايم اين اي ذوالفقار ٻهڻ جي گهر ڌاڙي وارو معاملو ڪن ضلعن جي ايس ايس پيز جي ايس ايس پي نوشهروفيروز جي ميٽنگ هال ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل خان کوسو،

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جو وزيراعظم آزاد ڪشمير فيصل ممتاز راٺوڙ کي فون، مبارڪباد ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد ڪشمير جي نئين

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ واڙي جي ڇت ڪري پئي، ڪيترائي جانور مري ويا

پينس ڪالوني ۾ شڪيل ناگوري جي واڙي جي ڇت ڪمزور هجڻ سبب حادثو پيش آيو

ريسڪيو، فائر برگيڊ ۽ پوليس جون ٽيمون موقع تي پهچي، ملبو هٽائڻ جو ڪم جاري ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي پينس ڪالوني روڊ نمبر 11 تي شڪيل ناگوري جي سال جي واڙي جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ٻار اسان جو مستقبل آهن، تحفظ هر قيمت تي اسان جي اولين ترجيح آهي: گورنر سنڌ

سماجي شعور کان سواءِ ٻارن خلاف استحصال جي خاتمي ڪرڻ ممڪن ناهي

جنسي استحصال ۽ تشدد کي روڪڻ لاءِ گورنر هائوس ۾ هڪ خاص سيل قائم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻارن خلاف جنسي استحصال، زيادتي ۽ تشدد جي روڪٿام جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي خاص پيغام

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ميرپور ماٿيلو: ٻاڙن پاران ٻن نوجوانن کي سزا طور ڳاڏر ۾ ٽنگيو ويو آهي

سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس کي 281 ملين رپين جو نقصان، پي اي سي سرڪاري ڇپائي لازمي ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي: سنڌ جي صنعت کاتي جي انتظام هيٺ گورنر هائوس ۾ قائم سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس کي سنڌ جي سرڪاري کاتن پاران سرڪاري مواد پرنٽ نه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊيفنس جي فليٽ مان ناري جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي 17 سالن جي زينب جو لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

شروعاتي طور تي خودڪشي لڳي پئي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڊيفنس علائقي بدر ڪمرشل جي اسٽريٽ سيون-اي فيز 5 ۾ هڪ فليٽ مان هڪ ڇوڪري جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ترڪش وفد جي سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۾ پاڪترڪ ريسرچ سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ ملاقات

ترڪش وفد ۽ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۾ ثقافتي ۽ تعليمي تعاون بابت ڳالهين جو آغاز

پاڪترڪ ريسرچ سينٽر جي قيام سان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستانا تعلقات مضبوط ٿيندا: وفد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ترڪش ڪوآپريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ايجنسي (ٽيڪا) جي نئين سربراهه مسوڪ پوسا،

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ تمباکو ۽ نڪوٽين جي استعمال جي خلاف پروگرام منعقد

عورت فائونڊيشن ۽ سنڌ حڪومت پاران تمباکو ڪنٽرول لاءِ جامع پاليسي جو اعلان

صحت کاتي ۽ ايم پي ايز پاران نڪوٽين ۽ تمباکو جي شين جي خلاف ڪارروائي جي ضرورت تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عورت فائونڊيشن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نوشهروفيروز: پوليس عملدار ڌوهارين جي گرفتاري بابت تفصيل ٻڌائي رهيا آهن

شرجيل انعام ميمڻ پاران آزاد ڪشمير جي نئين وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ کي مبارڪون

پيپلز پارٽي جي ڪاميابي ڪشميري عوام جي حقيقي فتح آهي: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي هميشه ڪشمير جي حقن ۽ ڀلائي کي اوليت ڏني آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ آزاد ڪشمير ۾ نئين چونڊيل وزير اعظم فيصل ممتاز راٺوڙ سان فون تي رابطو ڪيو ۽ آزاد ڪشمير جو وزير اعظم چونڊجڻ تي کيس دل جي گهرائين

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

شهر جي اسپتالن جي چوڌاري سهولتن جي فراهمي کي ترجيح ڏني پئي وڃي: مرتضيٰ وهاب

روڊن جي تعمير ۽ بحالي مڪمل ٿيڻ بعد علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري ايندي

اين آءِ سي يو ۾ ڄمڻ وقت بيمارين ۾ مبتلا ٻارن لاءِ 25 نوان بيڊ شامل ڪيا ويا آهن

عباسي شهيد اسپتال جي چوڌاري مختلف روڊن جي مرمت ۽ تعمير جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب عباسي شهيد اسپتال جي چوڌاري روڊن جي تعمير بحالي ۽ بيوٽ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪلڪ پروگرام ذريعي ڪراچي جي مقامي حڪومتي نظام کي جديد خطن تي ترقي ڏني پئي وڃي: ناصر شاهه

ڪورنگي ۾ هن وقت 10 کان وڌيڪ ميگا ترقياتي منصوبا جاري آهن، ڪيترائي منصوبا مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهن

پيپلز پارٽي نوجوانن کي هٿيار نه پر ڪتاب، ليپ ٽاپ ۽ جديد تعليم فراهم ڪري رهي آهي

شهر جي نئين عمارت ۽ پي وائي ايس ڊي پي جون ڪاميابيون ان ڳالهه جو ثبوت آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ڪورنگي جي نئين تعمير ٿيل عمارت جو افتتاح صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه رِبن ڪٽي ڪيو. هي جديد عمارت ڪلڪ پروگرام تحت

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اي پي پي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ جرمني جي سفير کي شيلڊ ڏئي رهي آهي

شهيد بينظير ڀٽو چيئر فنڪشنل نه هئڻ تي پي اي سي پاران ڪاوڙ جو اظهار

چيئر واري منصوبو 13 سال گذرڻ باوجود فنڪشنل ڇو نه ڪيو ويو: نثار کهڙو

چيئر کي فنڪشنل بڻائڻ لاءِ يونيورسٽي انتظاميه کي فوري قدم کڻڻ جي هدايت

ڪراچي: ڪراچي يونيورسٽي ۾ شهيد بينظير ڀٽو چيئر فنڪشنل نه هئڻ تي پي اي سي پاران ڪاوڙ جو اظهارڪاري ڏينهن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ ايم پي اي نثار کهڙو جي صدارت ۾ پبليڪ اڪائونٽ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڪي ايس پي پاليسي لاڳو هجڻ غير مناسب آهي: نثار کهڙو

سنڌ جا شاگرد ميرٽ تي داخلا وٺڻ جا مڪمل حق رکن ٿا، پاليسي جو نئين سر جائزو وٺي داخلائون اوپن ميرٽ ۽ سنڌ ڊوميسائل بنياد تي ڪيون وڃن

جيئن نوڪريون سنڌ جي ڊوميسائل تي ميرٽ تحت ڏنيون وڃن ٿيون، تيئن ڪراچي يونيورسٽي ۾ به داخلائون اوپن ميرٽ تي انٽري ٽيسٽ کان پوءِ ٿيڻ گهرجن

پي اي سي اجلاس ۾ 2021ع کان 2023ع تائين داخلائن جو آڊٽ ڀيرائي ۽ انتظاميه کي ايندڙ اجلاس ۾ پيش رفت رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پي اي سي ۾ ڪراچي يونيورسٽي انتظاميه پاران اڄا تائين داخلائون ڪراچي سنڌ ۽ پاڪستان (ڪي ايس پي) پاليسي جي بنياد تي ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي جنهن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان شنگهائي روح ۽ ان جي عظيم مقصد لاءِ پرعزم آهي: اسحاق ڊار

خطي ۾ پائيدار امن ۽ سلامتي کانسواءِ پائيدار اقتصادي ترقي جي ضمانت نه ٿي ڏئي سگهجي

افغانستان ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ اسان جي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي تحفظ جي لاءِ لازمي آهي

۽ اختلافن کي خوش اسلوبي سان ڳالهه ٻولهه، سفارتڪاري ۽ گڏيل راءِ سان حل ڪري سگهجي ٿو: نائب وزيراعظم

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان "شنگهائي روح" ۽ ان جي عظيم مقصدن جيڪي جيو پوليٽيڪل ۽ جيو اڪنامڪ شعبن ۾ وڏي تبديلين اڏو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪستان ۽ زمبابوي جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ مئچ شروع ٿيڻ کان اڳ سيڪيورٽي اهلڪار پچ ۽ گرائونڊ جي ميٽل ڊٽيڪٽر ذريعي تلاشي وٺي رهيا آهن

ڪراچي اڄ جنهن بدترين حالت ۾ بيٺو آهي اهو حڪومتي غفلت جو نتيجو آهي: حسنين چوهان

صوبائي ۽ شهري حڪومت ڄاڻي واڻي شهر کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو آهي

شهر جا ٽي ادارا ڪچرو کڻڻ جا دعويدار آهن پر گهٽيون اڄ به گندگي سان ڀريل پيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي اڄ جنهن بدترين حالت ۾ بيٺو آهي اهو ڪا قدرتي آفت نه پر سالن جي حڪومتي غفلت، ڦرلٽ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، هيڪنگ سان لاڳاپيل جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي سڪندر ڳوٺ ۾ سنڌ رينجرز خفيه معلومات جي بنياد تي وڏي ڪارروائي ڪندي عالمي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

جلالپور پيروالا: مواصلات جو وفاقي وزير عليم خان ڌائين ٻوڏن ۾ لڙهي ويل سکر ملتان موٽر وي جي تعميراتي ڪم جو جائزو وٺي رهيو آهي

بقايا 1 اعلان

ڪندو اهو اعلان اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان گذريل ڏينهن وائيٽ هائوس ۾ اهم ڳالهين لاءِ پهچي رهيو آهي صحافين سان ڳالهائيندي آمريڪي صدر تصديق ڪئي ته آمريڪا سعودي عرب کي ايف-35 جهاز ڏيڻ تي راضي ٿي ويو آهي ۽ هن سعودي عرب کي بهترين اتحادي قرار ڏنو سعودي عرب ڊگهي عرصي کان ايف-35 جهازن کي حاصل ڪرڻ جو خواهشمند رهيو آهي جيڪو في الحال وچ اوڀر ۾ رڳو اسرائيل وٽ آهي ٽرمپ جي منظوري ان صورت ۾ آئي آهي ته نيويارڪ ٽائمز جي تازي رپورٽ مطابق آمريڪي اختيارين ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي ته جيڪڏهن جهاز سعودي عرب کي ڏنا ويا ته چين امڪاني طور ان جديد ٽيڪنالاجي تائين پهچ حاصل ڪري سگهي ٿو آمريڪا هيستائين ايف-35 جهاز رڳو پنهنجي ويجهو اتحادي ملڪن کي وڪرو ڪندو رهيو آهي، جن ۾ ڪيترين ئي يورپي نيٽو رياستون ۽ اسرائيل شامل آهي آمريڪا 2019ع ۾ ترڪيه کي ايف-35 پروگرام مان ان وقت ڪڍي ڇڏيو هو جڏهن انقره روس جو هوائي دفاعي نظام خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جنهن سبب ڳڻتي پيدا ٿي ته روس ايف-35 جي حساس ٽيڪنالاجي تائين پهچ حاصل ڪري سگهي ٿو

بقايا 2 بلاول ڀٽو

جو معيار بلند ٿيو ۽ مودي هر هنڌ منهن لڪائي ڊرندو ٿو وتي آمريڪا کان پاڪستان تائين ڀارت کي ياد ڏياريندا رهنداسين ته جنگ ۾ ان جا 7 جهاز ڪريا هئا. اسان ڪنهن به فورم تان مودي کي ڀڄڻ نه ڏينداسين بلاول ڀٽو چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي سندن غيرمتزلزل عزم ۽ حوصلي تي سلام پيش ڪندي چيو ته فورسز پاران آپريشن ۾ عالم محسود سميت 15 ڀارتي پراڪسي دهشتگردن کي مارڻ وڏي ڪاميابي آهي. ملڪ کي دهشتگردي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي "عزم استحڪام" مهم جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا ۽ ڀارتي پراڪسيز دهشتگردن ۽ سندن ساٿين جو صفايو ڪنداسين ۽ گڏيل قومون انهي عزم تي قائم آهي بلاول ڀٽو چيو ته پ پ جو بنياد لاهور يا لاڙڪاڻي ۾ نه بلڪ نئين ڪشمير ۾ رکيو ويو هو جڏهن هڪ آمر ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪيو ۽ ڪشمير جي عوام مظفرآباد ۽ سرينگر ۾ پڻ احتجاج ڪيو ويو بينظير ڀٽو سڄي دنيا ۾ ڪشميرين جي آزادي جي ترجماني ڪئي ۽ هن مون کي، آصف ۽ بختاور کي سيکاريو ته جتي ڪشميرين جو ڀڳهر ڪرندو اتي اسان جو خون هوندو به پيرا پ پ جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو پر اسان پنهنجي پرامن سياسي جدوجهد کي جاري رکيوسين. جڏهن پي ڊي ايم جي دوري ۾ آزاد ڪشمير حڪومت جي باري ۾ فيصلو ورتو پيو وڃي ته اسان قومي مفاد ۾ فيصلو مڃيو هو پر ماضي جي فيصلن جي ڪري ڪشمير ۾ سياسي خال پيدا ٿيو بلاول ڀٽو چيو ته وزيراعظم آزاد ڪشمير کي هدايت ڪئي ته ڪشمير جي عوام جو آواز بڻجي محبت سان ڪشميري عوام سان ڪيل واعدي تي عملدرآمد ڪرڻو پوندو. اسان سمجهون ٿا ته هڪ سياسي حڪومت آهي جيڪا عوام جي حقن لاءِ وڙهي ٿي، جڏهن اوهان سياست کي ڊپائيندا آهيو ته وزيراعظم درست نمائندگي نٿو ڪري سگهي پوءِ عوام احتجاج ڪندو آهي هاڻي ڪشمير لاوارث ناهن، چوته هاڻ سندن نمائندو فيصل راٺوڙ ۽ بلاول ڀٽو آهن آزاد ڪشمير حڪومت لاءِ شروعات 6 مهينا سخت امتحان ٿي سگهي ٿو پر وزيراعظم مسئلا حل ڪندو هو ڪابينا جوڙي ذوالفقار علي ڀٽو وانگر کلي ڪچهري ڪندو ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويندو اسلام آباد مان جيڪا به ضرورت هوندي ان لاءِ آئون پاڻ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري پاڻ ڳالهائيندس ۽ اهو حق اسان ڏياريندس. اسان بند ڪمرن ۾ آزاد ڪشمير جي حڪومت نه هلائينداسين، بلڪ عوام سان گڏجي مسئلا حل ڪنداسين.

بقايا 3 حلف کڻي ورتو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به شرڪت ڪئي گلگت بلتستان جي گورنر سيد مهدي شاهه خيبر پختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، فريال ٽالپر ۽ اسيمبلي ميمبرن سميت اعليٰ سول قيادت ۽ عسڪري اختياريون به تقريب ۾ شريڪ ٿيون. تقريب کي خطاب ڪندي آزاد ڪشمير جي 16هين وزيراعظم فيصل راٺوڙ چيو ته آصف علي زرداري، فريال ٽالپر ۽ بلاول ڀٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان جن مون کي هي ذميواري ڏني. مشڪل وقت ۾ اها ذميواري نڀائڻ آسان نه آهي. آزاد ڪشمير جي عوام جي اميدن تي پورو لهندس پيپلز پارٽي عوام سان بيهڻ رشتو جوڙڻ جي ذميواري ڪئي آهي هن چيو ته پاڪ آرمي کي به خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جيڪا حياتين جون قربانيون ڏئي اسان جو دفاع ڪري رهي آهي واضح رهي ته گذريل ڏينهن آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي ۾ چوڌري انوارالحق خلاف تحريڪ عدم اعتماد ڪامياب ٿيڻ تي فيصل ممتاز راٺوڙ نئون آزاد ڪشمير جو وزيراعظم چونڊجي ويو هو. آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي ۾ ووٽنگ جي دوران 36 ميمبرن فيصل ممتاز جي حق ۾ جڏهن ته 2 ميمبرن مخالفت ۾ ووٽ ڏنو جنهن کان پوءِ پيپلز پارٽي جو فيصل ممتاز راٺوڙ آزاد ڪشمير جو سورهون جڏهن ته موجوده اسيمبلي جي چوٿين وزيراعظم جي طور تي چونڊجي ويو ياد رهي ته چوڌري انوارالحق کي استعيفيٰ ڏيڻ جو پيغام اماڻيو ويو هو پر هن استعيفيٰ ڏيڻ جي بجاءِ تحريڪ کي منهن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن کان پوءِ پيپلز پارٽي عدم اعتماد تحريڪ جمع ڪرائي عدم اعتماد تحريڪ سردار جاويد ايوب، چوڌري قاسم مجيد ٻين سان گڏ پيش ڪئي هئي، تحريڪ عدم اعتماد ۾ متبادل قائد ايوان جي طور تي فيصل ممتاز راٺوڙ جو نالو پيش ڪيو ويو هو.

بقايا 4 مارجي ويا

الڳ الڳ ڪاروائين ۾ ڀارتي پراڪسي فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 15 دهشتگرد ماريا ويا. پهرين ڪارروائي ڊيرا اسماعيل خان ضلعي جي ڪلاچي علائقي ۾ دهشتگردن جي موجودگي بابت ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪئي وئي، جنهن ۾ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي مؤثر انداز ۾ نشانو بڻايو هن آپريشن جي نتيجي ۾ دهشتگردن جي اڳواڻ عالم محسود سميت 10 خوارج جهنم پهچا ڪيا ويا. اتر وزيرستان جي دته خيل علائقي ۾ ٻي ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز 9 وڌيڪ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو علائقي کي مُڪمل ڪليئر ڪرڻ لاءِ ڪارروايون جاري آهن ته جيئن ڪنهن به ٻئي ڀارتي حمايت يافته خوارج جي موجودگي کي ختم ڪري سگهجي. سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظور ڪيل حڪمت عملي "عزم استحڪام " تحت ڀارتي ملڪي ۽ غير ملڪي حمايت يافته دهشتگردي خلاف مهم پوري طاقت سان جاري رهندي.

بقايا 5 خراج تحسين

پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان گهٽ عمر جي شادي خلاف تاريخي قانونسازي تي بلوچستان حڪومت کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته اهو نياڻين جي بهتر زندگي طرف ڀرپور قدم آهي گذريل ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته بلوچستان ۾ چائلڊ ميريج خلاف نئون قانون وڏي ڪاميابي آهي. اهم معاملي تي قانون سازي لاءِ بلوچستان حڪومت ۽ بلوچستان جي وڏي وزير جي ٿورائتي آهيان هن چيو ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي مان به گهٽ عمر جي شادي خلاف قانون ٺاهڻ جي درخواست ڪيان ٿي چائلڊ ميريج ختم ڪرڻ نياڻين جي بهتر زندگي طرف ڀرپور قدم آهي. عورتن جي صحت، علاج، آگاهي ۽ غذائيت جون سهولتون بهتر بنائڻ تي زور ڏيڻو پوندو. پاڪستان ۾ ٻارن جي فوتگين ۽ غذائي کوٽ تي گهري ڳڻتي آهي هن چيو ته گهٽ عمر جي شادي نه صرف ماءُ لاءِ جان ليوا آهي پر ڪمزور ٻارن جي پيدائش جو به وڏو سبب آهي ٻارن جي پيدائش دوران هر 50 منٽ بعد هڪ عورت زندگي وڃائي ويهي ٿي 18 سال کان گهٽ عمر کي بالغ ناهي سمجهيو ويندو ته شادي جي اجازت ڪيئن ٿي ڏئي سگهجي؟ هن چيو ته قائداعظم به پنهنجي خطاب ۾ گهٽ عمر جي شادي کي نياڻين لاءِ نقصان ڏيندڙ قرار ڏنو هو هن چيو ته عورتن کي با اختيار بنائڻ ئي پاڪستان جي مضبوطي جو رستو آهي.

بقايا 6 ملتوي

عدالت نئين ڪاڄ ڊيم ڪيس جي ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏي وفاقي آئيني عدالت ۾ گذريل ڏينهن نئين ڪاڄ ڊيم ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڪيس ٻڌڻ جوڳو هجڻ جي اعتراض تي بحث ٿيو جنهن کان پوءِ عدالت ڪارروائي سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏي وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي جي شروعات تي نجي ڪمپني جي وڪيل محمد مسعود خان عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس ۾ سنڌس پاران 3 لکت وارا جواب جمع ڪرايا ويا آهن وڪيل مسعود خان پنهنجي دليلن ۾ چيو ته ان ڪيس تي اڳ ئي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻن ججن حڪم جاري ڪيا آهن. پر اڃا تائين ڪيس کي باضابطا طور ٻڌڻ جوڳو قرار ناهي ڏنو ويو وڪيل جو چوڻ هو ته 27 هين آئيني ترميم کان پوءِ ان نوعيت جون سموريون درخواستون وفاقي آئيني عدالت ۾ منتقل هجڻ لازمي آهن وڪيل چيو ته ايف ون سي تحت ميرٽ ٻڌڻ کان اڳ ٻڌڻ جوڳو هجڻ تي فيصلو اچڻ ضروري آهي ۽ سپريم ڪورٽ جا قاعدا هاڻي به قابل عمل آهن. چيف جسٽس امين الدين خان رمارڪس ڏنا ته آئين ۾ اهڙي ڪا به پابندي موجود ناهي ته ٻن ميمبرن جو فيصلو به ميمبر نٿا ٻڌي سگهن اهو اصول سپريم ڪورٽ رولز جو حصو هو آئين ۾ ان جو ڪو به شرط ناهي ڏنو ويو دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت ٻڌڻي سومر تائين ملتوي ڪندي وڌيڪ ڪارروائي ساڳئي ڏينهن تي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا 7 قرار

روشني جي روحاني استعاري معنيٰ کي فن ذريعي اجاگر ڪري سگهجي. وڏي وزير جي آمد تي دعوتِ هدير جي ڪميل يونس ۽ ريڊينٽ آرڪس جي ٽيم سندن ڀليڪار ڪئي ۽ نمائش جي موضوع، فنڪارن جي شرڪت ۽ تخليقي سمت بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ربن ڪٽي نمائش جو باقاعدي افتتاح ڪرڻ کانپوءِ وڏي وزير سيني 19 ڊسپلي ڪارڪنن جو تفصيلي دورو ڪيو جتي هن پينٽنگن روشنيءَ سان سينگاريل فن پارا خطاطي مقدس جاگرافيائي ڊزائن ٽيڪسٽائل آرٽ ۽ انسٽاليشنز جو مشاهدو ڪيو. هن موقعي تي وڏي وزير چيو هي نمائش تخليق ۽ روحانيت جو شاندار ميل آهي. فنڪارن الهي هدايت جي علامت طور روشنيءَ کي نهايت خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي اهڙو فن دل کي سڪون ڏئي ٿو ۽ ثقافتي سمجهه کي وڌائي ٿو. هن وڌيڪ چيو سنڌ هميشه ثقافت ۽ فڪري اظهار کي ڀليڪار ڪيو آهي. مان ريڊينٽ آرڪس ۽ داؤدي بوهره ڪميونٽي کي اهڙو بامعنيٰ فن ڪراچي آڻڻ تي ساراهيان ٿو هي نمائش امن هم آهنگي ۽ روشنيءَ جهڙين گڏيل قدرن جي ترجماني ڪري ٿي نور جي قرآني استعاري هڪ روحاني سفر: هي نمائش قرآن مجيد جي آيتِ النور (سورت النور 24:35) کان متاثر آهي جيڪو صديون کان اسلامي فڪر روحانيت ۽ فن جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي. فنڪارن نورٌ عليٰ نور Light Upon Lightجي مفهوم کي علامتي شڪلن خطاطي ۽ مقدس ڊيزائن ذريعي پيش ڪيو آهي جنهن ۾ تاريڪيءَ کان روشنيءَ تائين جو روحاني سفر نظر اچي ٿو. نمائش ۾ ٻين قرآني آيتن جو حوالو به شامل آهي جهڙوڪ: الله مؤمنن جو ولي آهي، هو انهن کي تاريڪن مان نڪري روشني ڏانهن آڻي ٿو (2:257) ۽ سورت مائده (5:55) جي اها آيت جيڪا تاريخي طور مولانا عليؑ سان منسوب ڪئي وڃي ٿي ۽ الهي نور جي عڪاسي سمجهي وڃي ٿي. گيلري ۾ رکيل ڪيترائي فن پارا ڪلاسڪ اسلامي جاگرافيائي ڊيزائن روشن ٿيل مخطوطا، ۽ فاطمي طرزِ تعمير خصوصاً قاهره جي جامع الاقمر سان متاثر آهن جيڪي فن روحانيت ۽ علامتي نور جي ابدي لاڳاپي کي نمايان ڪن ٿا. ريڊينٽ آرڪس: ريڊينٽ آرڪس — انوار الفنون — داؤدي بوهره ڪميونٽي جي عورتن پاران هلايل غيرمنافع بخش منصوبي جو نالو آهي جيڪو اسلامي ۽ ثقافتي ورثي سان جڙيل فنڪارن جي مهارتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو. 2017 کان وٺي هي پليٽ فارم آفريڪا، سري لنڪا، هندستان ۽ آمريڪا ۾ 14 نمائشون منعقد ڪري چڪو آهي. ڪراچي ۾ هي ڀهريائين نمائش آهي جيڪا پاڪستان ۾ ڪميونٽي جي ثقافتي سفر جو هڪ اهم قدم آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه اداري جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو اهڙيون سرگرميون سماجي هم آهنگي کي مضبوط ڪن ٿيون ۽ اسان جي نوجوانن کي پنهنجي ورثي سان جڙڻ جا اهم موقعا فراهم ڪن ٿيون مان اهڙين وڌيڪ ثقافتي ڪوشش جو منتظر آهيان جيڪي تخليق، ڳالهه ٻولهه ۽ اتحاد کي هٿي ڏين. منتظمين وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو ته هن فن ۽ ثقافت جي اهڙي اهم شعبي جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ سماجي يڪجهتي کي فروغ ڏيڻ ۾ فن جي اهميت کي مڃيو.

بقايا 8 گرفتار

نوجوانن ناصر ۽ سلطان خشڪ کي رسن سان ٻڌي سموري رات بي رحمانه تشدد ڪرڻ بعد صبح جو گاڊر تي لٽڪائي ڇڏيو اهڙي قسم جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي گهوٽڪي نوٽس ورتو جنهن بعد پوليس انسانيت جا ليڪا لتاڙيندڙ بااثر نديم قريشي سميت ٻنهي چورن کي ٿاڻي تي ڪٺي آئي جتي جاچ جاري آهي ٻي پاسي اهڙي قسم جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد شهرين پاران بااثر نديم قريشي خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي پر آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو پوليس ۽ وڏيرن ۾ ڳالهيون هلندڙ هيون

بقايا 9 لاش هٿ

ڳچيءَ ۾ ڦندو ٻڌل لاش مليو پوليس موجب مقتولا جي سڃاڻپ 17 سالن جي زينب جي نالي سان ٿي آهي ۽ لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او درخشان شاهد تاج چيو ته شروعاتي طور تي واقعي کي خودڪشي جو شڪ آهي جڏهن ته پوليس مقتولا جي وارثن کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي ۽ ڏوهن جي جاءِ جو به معائنو ڪيو پيو وڃي پوليس موجب زينب جو تعلق سيالڪوٽ سان هو ۽ هڪ سال اڳ شادي ٿي هئي مقتولا ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي مڙس جي ماسي جي گهر آئي هئي، جيڪو چوٿين منزل تي واقع آهي جڏهن ته لاش ڇهين منزلن واري عمارت جي ڇت تي فرش تي ڳچيءَ ۾ ڦندو ٻڌل هو مقتولا جو مڙس جيڪو قانون لاڳو ڪندڙ آفيسر آهي واقعي وقت گهر ۾ موجود نه هو پوليس مقتول جي مڙس جي ماسي ۽ ڪزن جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن ۽ جاچ جاري آهي

بقايا 10 ملاقات

اڳاڙي ڏينهن پنهنجي اداري جي محترمه فاطمه سان گڏ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي ۽ يونيورسٽي جي مختلف شعبن جي سربراهن سان يونيورسٽي جي ڪانفرنس روم ۾ هڪ ميٽنگ ڪئي جنهن ۾ سوشل اينڊ ڊولپمينٽ اسٽڊيز ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن ۽ ايس ايم آءِ يو پاڪ-ترڪ ريسرچ سينٽر جي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر سياش بابو ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر شيراز نجيب تجويز ڪيل ايس ايم آءِ يو پاڪ-ترڪ ريسرچ سينٽر تي ترڪ وفد کي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۽ ترڪيهگڏيل طور تي ايس ايم آءِ يو پاڪ-ترڪ ريسرچ سينٽر سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۾ قائم ڪندا، جنهن جو مقصد ٻنهي برادر ملڪن - پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي وڌيڪ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سينٽر فيڪلٽي ۽ شاگردن جي مٽاسٽا جا پروگرام شروع ڪرڻ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۽ ملڪ جي ٻين يونيورسٽين جي شاگردن کي ترڪي ٻولي سيکارڻ، ٻنهي ملڪن جي ثقافت ٻولين ادب ۽ هيريٽيج کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪاروبار ۽ تعليم سميت ٻين شعبن ۾ تحقيقي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندو وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ ترڪيه جي وفد کي سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۾ اچڻ تي ڀليڪار چيو ۽ انهن کي ڪراچي ۾ ترڪيه جي اڳوڻي قونصل جنرل جمال سانگو ۽ ٽيڪا ڪراچي آفيس جي اڳوڻي سربراهه خليل ابراهيم بشران جي دور ۾ تجويز ڪيل ايس ايم آءِ يو پاڪ-ترڪ ريسرچ سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوشش بابت آگاهه ڪيو ڊاڪٽر مجيب صحرائي چيو ته سنڌ مدرسته الاسلام جا ترڪيه سان خاص لاڳاپا آهن. ڇاڪاڻ جو ان جو باني خان بهادر حسن علي آفندي سلطنت عثمانيه جي دور ۾ ڪراچي ۾ ترڪيه جو اعزازي قونصل جنرل هو ۽ کين سلطنت عثمانيه جي ان وقت جي سلطان پاران "آفندي" ۽ "بي" جا لقب ڏنا ويا هئا.جناب مسوڪ يوسا، جيڪو گذريل 20 سالن کان ٽيڪا ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ اڳ ۾ عراق، فلسطين، جارجيا، مونٽينيگرو ۽ سينيگال ۾ ڪم ڪري چڪو آهي، چيو ته تجويز ڪيل سينٽر پاڪستان ۽ ترڪيه ٻنهي ملڪ ۾ دوستاڻن لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ تعليم کي فروغ ڏيڻ ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته خان بهادر حسن علي آفندي جي ترڪيه سان ويجهن لاڳاپن جي ڪري، هو سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي سان گڏ تحقيق تعليم سياحت ۽ ٻين گڏيل سرگرمين جي منظم ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو.

بقايا 11 پروگرام منعقد

جي سهڪار سان سنڌ ۾ تمباڪو جي استعمال ۽ نڪوٽين جي شين کي روڪڻ لاءِ هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ قانون ساز صحت جا ماهر سول سوسائٽي ۽ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ نوجوانن ۾ اي-سگريٽ، نڪوٽين پائوچ ۽ ذائقيدار تمباڪو جي شين جي وڌندڙ استعمال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو.پنهنجي خطاب ۾ سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديوداس هيمناڻي سنڌ ۾ تمباڪو جي استعمال کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مڪمل تعاون جي آڇ ڪئي ۽ هن چيو ته حڪومت سخت ڪنٽرول ذريعي آبادي، خاص طور تي نوجوانن کي سگريٽ نوشي ۽ نڪوٽين جي شين جي وڌندڙ خطرن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن انڪشاف ڪيو ته سنڌ حڪومت تمباڪو ۽ ابهرندڙ نڪوٽين جي شين تي هڪ جامع اينٽي ڊرگ پاليسي رکي ٿي جڏهن ته شيشا سينٽرن ۽ گٽڪي جي پيداوار ۽ استعمال تي پابندي لڳائي وئي آهي خلاف ورزي ڪندڙن سان سختي سان پيش ڪيو ويندو آهي.سنڌ جي صحت کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ذوالفقار علي ڌاريجو چيو ته حڪومت شهرين جي صحت جي مسئلن کان چڱي طرح واقف آهي سنڌ حڪومت کاتي ۾ تمباڪو ڪنٽرول سيل قائم ڪيو آهي ۽ تمباڪو جي شين کي سختي سان ڪنٽرول ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 12 حڪم

ڪرائڻ سبب رڳو 2022ع ۽ 2023ع ۾ 281 ملين رپين جي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو اڳاڙي ڏينهن پي اي سي اجلاس ۾ ڊي جي آڊٽ اعتراض اٿاريو ته گورنر هائوس ۾ قائم سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس 2022ع کان 2023ع تائين 114 ملين جي بجيٽ جي مقابلي ۾ 395 ملين رپيا خرچ ڪيا آهن ۽ هي پرنٽنگ پريس 1970ع کان پنهنجي ساليانو اڪائونٽس مينٽين نٿي ڪري، جڏهن ته روينيو ۾ به واڌ نه ٿي سگهي آهي، جنهن سبب سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس کي 281 ملين جو نقصان سامهون آهي.ان تي پرنٽنگ پريس جي عملدارن پي اي سي کي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جا بجيٽ بڪ، گزيٽ نوٽيفڪيشن سميت ٻيو سرڪاري مواد سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس مان پرنٽ ڪرايو پيو وڃي پر سنڌ جا سرڪاري کاتا پرنٽنگ ۽ اسٽيشنري لاءِ پنهنجي پنهنجي بجيٽ هجڻ باوجود مواد جي ڇپائي ٻاهران ڪرائي رهيا آهن

بقايا 13 نثار کهڙو

بعد پي اي سي ڪراچي يونيورسٽي انتظاميه کي ڪي ايس پي ايڊمشن پاليسي جو نئين سري سان جائزو وٺي ڪراچي يونيورسٽي ۾ سيٽن داخلائون ڪي ايس پي پاليسي بدران اوپن ميرٽ تي سنڌ جي ڊوميسائل جي بنياد تي انٽري ٽيسٽ ذريعي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي.اڳاڙي ڏينهن پي اي سي جو اجلاس چيئرمين نثار کهڙو جي صدارت ۾ ڪميٽي روم ۾ ٿيو. اجلاس ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سال 2021ع کان 2023ع تائين آڊٽ پيرائن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري سنڌ هائر ايجوڪيشن ڪميشن معين صديقي قائم مقام وائيس چانسلر ڪراچي يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر حارث شعيب، رجسٽرار ڊاڪٽر عمران صديقي ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران چيئرمين پي اي سي نثار کهڙو يونيورسٽي انتظاميه کان پڇيو ته ڇا ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلائون اوپن ميرٽ تي ٿي رهيون آهن يا اڃا تائين ڪي ايس پي پاليسي تي داخلائون ڏنيون پيون وڃن؟ جنهن تي يونيورسٽي جي رجسٽرار ڊاڪٽر عمران احمد پي اي سي کي ٻڌايو ته 1990ع کان سينڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي منظوري سان يونيورسٽي ۾ داخلائون ڪراچي سنڌ ۽ پاڪستان (ڪي ايس پي) پاليسي تحت ڏنيون پيون وڃن ۽ هي پاليسي اڃا تائين لاڳو آهي ۽ ڪجهه فيڪلٽيز ۾ داخلائون اوپن ميرٽ تي ڪيون پيون وڃن.نثار کهڙو چيو ته ڇا يونيورسٽي انتظاميه ڪراچي جي سنڌ کان الڳ تصور ڪري رهي آهي.

بقايا 14 جوابدار گرفتار

سطح تي سرگرم اڪائونٽ هيڪنگ نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل اهم جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب، ذريعن مطابق ملزم يوسف عرف اشرف بوچي ڪيترن ئي سالن کان سڪندر ڳوٺ ۾ هڪ وڏو هيڪنگ نيٽ ورڪ هلائي رهيو هو جيڪو پاڪستان سميت ٻاهرين ملڪن جي بئنڪ اڪائونٽن کي ٽارگيٽ ڪري ڪروڙين رپيا ڦٻائڻ ۾ ملوث هو. ذريعا ٻڌائن ٿا ته جوابدار جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي بين الاقوامي سطح تي اڪائونٽن کي هيڪ ڪندا هئا. رينجرز ڪارروائي دوران يوسف عرف اشرف بوچي سميت سندس ساٿي کي به حراست ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا 15 حسنين چوهاڻ

۽ ناقص گورننس جو واضح نتيجو آهي پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ انصاف لائيرز فورم ڪراچي جي اڳواڻ ۽ نامور قانوندان ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهان چيو ته صوبائي ۽ شهري حڪومت ڄاڻي واڻي شهر کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو آهي پاڻي جي بحران کي حل ڪرڻ بدران ٽينڪر مافيا کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو جڏهن ته K-IV جهڙا اهم منصوبا سياسي ماسرن جي نذر ٿي ويا. هن چيو ته پاڻي جي نڪاسي جو نظام تباهه ٿي چڪو آهي

بقايا 16 ڪاوڙ جو اظهار

پي اي سي اجلاس ۾ چيئرمين پي اي سي نثار کهڙو يونيورسٽي انتظاميه کان پڇيو ته شهيد بينظير ڀٽو چيئر واري منصوبي تي 422 ملين رپيا خرچ ٿيڻ بعد اهو منصوبو يونيورسٽي انتظاميه حوالي ڪيو ويو هو پوءِ به 13 سال گذرڻ باوجود شهيد بينظير ڀٽو چيئر فنڪشنل ڇو نه ڪئي وئي آهي؟ جنهن تي يونيورسٽي انتظاميه پي اي سي کي ٻڌايو ته شهيد بينظير ڀٽو چيئر کي فنڪشنل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ بجيٽ گهربل آهي. جنهن لاءِ پي سي ون منظوري لاءِ موڪلي وئي آهي.پي اي سي ڪراچي يونيورسٽي ۾ شهيد بينظير ڀٽو چيئر فنڪشنل نه هجڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيئر کي فنڪشنل بنائڻ لاءِ يونيورسٽي انتظاميه کي فوري قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 17 گورنر سنڌ

۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ٻار اسان جو مستقبل آهن ۽ انهن جو تحفظ هر قيمت تي اسان جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته سماجي شعور کان سواءِ ٻارن خلاف استحصال کي ختم ڪرڻ ممڪن ناهي موجوده حڪومت ٻارن جي حقن جي تحفظ لاءِ مربوط ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جاري رکي رهي آهي

بقايا 18 جانور سڙي ويا

ڇت اوچتو ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي قيمتي جانور ڇت هيٺان دٻجي سڙي ويا آهن اتي موجود ماڻهن موجب واڙي جي پراڻي ۽ ڪمزور ڇت زوردار ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن سبب اندر موجود جانور ملبي هيٺ اچي ويا واقعو ايترو اوچتو هو جو مالڪ ۽ ڀرپاسي جا ماڻهو جانور بچائڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيا اطلاع ملڻ شرط ريسڪيو ادارن فائر برگيڊ ۽ پوليس جي ٽيمون موقع تي پهچي ويون ۽ ملبو هٽائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي

بقايا 19 نئين جوڙجڪ

ڪميشن آف پاڪستان (جي سي پي) ۽ سپريم ڪورٽ (پريڪٽس اينڊ پروسيجر) ڪميٽيءَ کي نئين آئيني ڍانچي موجب نئين سر جوڙيو ويو سپريم ڪورٽ جي سنڌ سماءِ واري شعبي پاران جاري پڌرائيءَ موجب شفافيت ۽ اداري جاتي تسلسل جي اصولن تحت نئين نامزدگيون ڪيون ويون آهن

بقايا 20 اياز صادق

خيل ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي گذريل ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن ڪامياب آپريشنز ذريعي 15 خارجين کي جهنم پهچڻ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي جرئت ۽ بهادري کي سلام پيش ڪيو ۽ چيو ته ملڪ جي دفاع ۽ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز بي مثال قربانيون پيش ڪيون آهن دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو عزم واکاڻ جوڳو آهي ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پوري قوم متحد آهي

بقايا 21 ملاقات

سفير نيٽلي بيڪر اسلام آباد عدالت ويجهو آپگهاتي ڌماڪي جي مذمت ڪئي ۽ ڌماڪي سبب فوت ٿيل ماڻهن جي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو گهرو وزارت پاران جاري بيان موجب وقتي آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو وفاقي وزير وقتي آمريڪي سفير سان ڳالهائيندي چيو ته دهشتگرد عدالت کي نشانو بڻائڻ چاهين پيا، سيڪيورٽي سبب اندر نه وڃي سگهيا.

بقايا 22 وزيراعظم

خيل ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن خلاف ٻن جُدا جُدا ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران اڳاڙي ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم انهن آپريشن ۾ فتنه الخوارج جي 15 دهشتگردن کي مارڻ جي سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين جي واکاڻ ڪندي چيو ته عزم ۽ استحڪام جي وژن تحت، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهيون آهن. هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي فوج سان گڏ بيٺي آهي. وزيراعظم ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 23 منظوري

فورسز جي استعمال ۾ اينڊڙ دفاعي سامان جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ 10 ڪروڙ 3 لک رپين جي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني وئي سرحدي نگراني، داخلي سلامتي، قانون ۽ نظم و ضبط جي بحالي لاءِ وفاق سول آرمڊ فورسز جي معاونت بابت گهرو وزارت ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول جي هڪ سمري تي ڪميٽي 84 ڪروڙ 15 لک 60 هزار رپين جي اضافي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني ڪميٽي دفاع ڊويزن جي سمري تي دفاعي خدمتن جي منظور ٿيل ڪيترن ئي منصوبن لاءِ 50 ارب رپين جي فني ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت طرفان پاسڪو جي تحليل ۽ اسپيشل پرپز ويهيڪل جي قيام بابت سمري جو جائزو ورتو ويو ڪميٽي ايس پي وي جي قيام جي منظوري ڏيندي شروعاتي 10 لک رپين جي ادا ٿيل سرمائي ۽ مجاز سرمائي جي گهٽتائي جي منظوري ڏين ته جيئن اداري جي مرحليوار تحليل لاءِ گهربل انتظام ڪري سگهجن

بقايا 24 صدر

ڪندي چيو آهي ته مُلڪ ۾ پرڏيهي مدد سان ڪم ڪندڙ دهشتگردن جو مڪمل خاتمو قومي اتفاق راءِ سان جاري رهندو اڳاڙي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر چيو ته ڀارتي [illegible] يا حمايت يافته فتنه الخوارج جي ڪارندن سميت انهن جي اڳواڻ عالم محسود جو مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب حڪمت عملي جي ڪري آهي

بقايا 25 ڪري ڇڏي

وڏي وزير سهيل آفريدي جي حفاظتي ضمانت ۽ ڪيسن جي تفصيلن بابت داخل درخواست تي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ اهم ٻڌڻي ٿي

بقايا 26 خط ملي ويو

محمد بن سلمان عبدالعزيز کي ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان جو لکيل خط ملي ويو آهي.پرڏيهي ميڊيا موجب ايران جي حج ۽ زيارت اداري جي سربراهه ڊاڪٽر علي رضا رشيد يان رياض ۾ گهرو وزير عبدالعزيز بن سعود بن نايف سان ملاقات ڪئي ۽ صدارتي خط حوالي ڪيو

بقايا 27 وزيراعظم

خيالن جو اظهار هن آمريڪا ۾ رهندڙ سک برادري جي تنظيم جي صدر جسديپ سنگهه سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ڪالهه اڳاڙي ڏينهن سانس ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ۽ پاڪستاني چائو آمريڪي ڪاروباري شخصيت ساجد تارڙ پڻ موجود هئا. وزيراعظم پاڪستان اچڻ تي جسديپ سنگهه جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ سکن جون ڪيترين ئي مقدس مذهبي جايون موجود آهن.

بقايا 28 دورو

واپار سيڙپڪاري، تعليم سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ موسمياتي تبديلي ۾ تعاون سميت ٻطرفي لاڳاپن جي سمورن رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پاڪستان جي قيادت ايڊيشنل سيڪريٽري يورپ محمد خالد جمالي ڪئي ۽ فنلينڊ جي قيادت پرڏيهي ۽ سلامتي پاليسي بابت انڊر سيڪريٽري آف اسٽيٽ اوٽي هولوپينن ڪري رهيو هو ڌرين واپار سيڙپڪاري، تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ موسمياتي تبديلي ۾ تعاون سميت ٻطرفي لاڳاپن جي سمورن رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 29 اجل جو شڪار

مطابق حادثو ياهمي سٽي جي جابلو علائقي ۾ پيش آيو پرڏيهي ميڊيا مطابق واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ فائر فائٽرز گڏيل ڳولا شروع ڪئي. اوٽيما پريفيڪچر جي سرحد ويجهو جابلو علائقي ۾ جهاز جو ملبو ۽ 3 لاش هٿ ڪيا ويا.

بقايا 30 افسوس جو اظهار

تي ٻڌايل سزا انهن ڏوهن جي متاثرن لاءِ تمام اهم ڳالهه آهي پر پوءِ به ڪيس موت جي سزا نه هجڻ گهرجي ها پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن جي انساني حقن واري اداري جي ترجمان رويتا شمداساني ڳڻتي جو اظهار ڪيو ته غير حاضري ۾ هلايل ڪيس لازمي قانوني عمل ۽ منصفاڻي ڪارروائي جي سمورن عالمي معيارن تي پورو ناهي لهندو هن چيو ته مون کي موت جي سزا ڏيڻ تي افسوس آهي جنهن جي اسان هر صورت ۾ مخالفت ڪنداسين.

بقايا 31 پاڪستان

اقصيٰ تي بار بار قبضو ڪرڻ ۽ نمازين جي خلاف اشتعال انگيزي شامل آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران ڪالهه اڳاڙي ڏينهن جاري بيان ۾ چيو ويو ته اهڙي طرح جا قدم عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي واضح خلاف ورزي آهن. ترجمان پنهنجي بيان ۾ چيو ته اهو ضروري آهي ته مقدس جاين جي تقدس کي عالمي قانون ۽ تاريخي حيثيت موجب يقيني بڻايو وڃي

بقايا 32 دورو

وفاقي جمهوريه جرمني جي سفير اينا لپيل اڳاڙي ڏينهن ايسوسيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) هيڊ ڪوارٽر جو دورو ڪيو جتي کيس سرڪاري نيوز ايجنسي جي نيوز آپريشنز بابت بريفنگ ڏني وئي ملاقات ۾ اي پي پي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ سفير کي مستند ۽ قابل اعتماد خبرن جي ورڇ ۾ اي پي پي جي اهم ڪردار بابت آگاهه ڪيو

بقايا 33 ٽيون دور

ٿائيلينڊ جي وچ ۾ ٻطرفي سياسي مشاورت (بي پي سي) جو ٽيون دور ڪالهه اڳاڙي ڏينهن ٿيو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پاڪستان پاران وفد جي قيادت ايشيا ۽ پيسفڪ بابت ايڊيشنل پرڏيهي سيڪريٽري عمران احمد صديقي ڪئي جڏهن ته ٿائيلينڊ پاران وفد جي قيادت پرڏيهي معاملن بابت نائب مستقل سيڪريٽري سريلاڪ نيوم ڪئي ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ ٿائيلينڊ جي ٻطرفي لاڳاپن جي سمورن رخن جو جائزو ورتو.

بقايا 34 شرجيل ميمڻ

بس سروس جا نوان روٽس شروع ڪيا ويندا سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪنول نظام پنڪ ٽرانس ڪراچي جي سي اي او فواد غفار سومرو يلو لائين بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ يلو لائن ۽ ريڊ لائن بي آر ٽي ترقياتي ڪمن بابت سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي بريفنگ ڏني وئي گڏوگڏ شهر ۾ اي وي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ ۽ پنڪ اسڪوٽيزاسڪيم جي ٻئي مرحلي بابت به کيس آگاهي ڏني وئي

بقايا 35 آرڊيننس جاري

ڪيون وينديون جڏهن ته انهن عدالتن ۾ ججن جي مقرري پڻ آرڊيننس ذريعي عمل ۾ آندي ويندي قانون کاتي پاران موڪليل سمري کي به قائم مقام گورنر اويس قادر شاهه منظور ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 36 سينيٽر پهتو

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه اڳاڙي ڏينهن روس جي نيشنل سينٽر پهتو پرڏيهي آفيس موجب شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي حڪومتي سربراهن جي اجلاس کان اڳ روسي وزيراعظم ميخائل ميشوستن روس جي نيشنل سينٽر پهچڻ تي نائب وزيراعظم جو استقبال ڪيو نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايس سي او جي اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ روس جي دوري تي آهي.

بقايا 37 دعوي

ايس ايس پي نوابشاهه شبير سيٺار، ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو ايم اين اي ذوالفقار ڀڇ ۽ پ پ ضلعي صدر سهيل اختر عباسي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پنجاب جي علائقي جهنگ مان جوابدار عثمان سيال کي گرفتار ڪيو سين جنهن جو تعلق جيسل بلوچ گينگ سان آهي جيڪا سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواهه جي علائقن ۾ وارداتون ڪندي آهي

بقايا 38 مبارڪباد ڏني

چونڊيل وزيراعظم راجا فيصل ممتاز راٺوڙ کي ٽيليفون ڪري مبارڪباد ڏني اڳاڙي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم آزاد ڪشمير جي نئين چونڊيل وزيراعظم فيصل راٺوڙ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته آزاد ڪشمير جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي وفاقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي.

بقايا 39 ناصر شاهه

مڪمل ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد شهرين کي موثر شفاف ۽ تيز ترين ميونسپل خدمتون فراهم ڪرڻ آهي افتتاحي تقريب سان گڏ، پي وائي ايس ڊي پي ٽي ايم سي (PYSDP TMC) ڪورنگي جي پهرين سالگرهه جي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ گذريل هڪ سال دوران مڪمل ٿيل منصوبن جو جائزو ۽ ڊجيٽل سروس ڊليوري سسٽم جائزو پيش ڪيو ويو. تقريب ۾ پيپلز پارٽي صدر ضلعي ڪورنگي جي جاني ميمڻ ميمبر صوبائي اسيمبلي فاروق اعوان، چيئرمين ڪورنگي ٽائون محمد نعيم شيخ، وائيس چيئرمين زرين اعوان ۽ ميونسپل ڪمشنر غلام سرور راهپوٽو سميت مختلف کاتن جي نمائندن شرڪت ڪئي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پي پيپلز پارٽي جي سياست خدمت جي سياست آهي ۽ ڪلڪ پروگرام ذريعي ڪراچي جي مقامي حڪومتي نظام کي جديد خطن تي ترقي ڏني پئي وڃي.

بقايا 40 مبارڪون

سان واڌايون ڏنيون هن چيو ته آزاد ڪشمير ۾ پيپلز پارٽي جي ڪاميابي نه رڳو پارٽي جي ڪاميابي آهي پر هي ڪشميري عوام جي حقيقي فتح به آهي. عوام هميشه پيپلز پارٽي جي ترقي امن ۽ استحڪام جي ايجنڊا کي اوليت ڏني آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي جي ڪاميابي اصل ۾ ڪشمير عوام جي ڪاميابي آهي.

بقايا 41 مرتضيٰ وهاب

بلاڪس جي تنصيب سميت ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد رکيو ۽ اسپتال جي نوزائيد انتهائي نگهداشت يونٽ (NICU) جي نئين سهولت جو افتتاح پڻ ڪيو هن موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سٽي ڪائونسل جي ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، سردار خان، عباسي شهيد اسپتال جي انتظاميه ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن يونيورسٽي جا وائيس چانسلر ۽ رجسٽرار موجود هئا. ميئر ڪراچي چيو ته شهر جي اسپتالن جي چوڌاري بنيادي سهولتن جي فراهمي کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جڏهن ته روڊن جي تعمير ۽ بحالي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري ايندي هن چيو ته عباسي شهيد اسپتال ۾ پيڊيئٽرڪ سهولتن جي بهتري سان شهرين کي معياري طبي خدمتون مهيا ڪرڻ طرف اهم قدم کنيو ويو آهي NICU ۾ جمع وقت بيمارين ۾ مبتلا ٻارن لاءِ 25 نوان بيڊ شامل ڪيا ويا آهن ۽ هن يونٽ کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ چار نوان وينٽيليٽر مهيا ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن جڏهن ته ٽراما سينٽر ۾ پڻ سهولتن جو دائرو وڌايو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته عباسي شهيد اسپتال جي چوڌاري مختلف روڊن جي مرمت ۽ تعمير جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي.

بقايا 42 اسحاق ڊار

اسان جي گڏيل ڪوشش کي سگهه ڏين ٿا جي لاءِ پرعزم آهي پاڪستان جو ڏکڻ ايشيا، وچ ايشيا ۽ اولهه ايشيا جي سنگم تي واقع هجڻ ان کي يوريشين خطي جي لاءِ هڪ مثالي واپاري لنگهه بڻائي ٿو خطي ۾ پائيدار امن ۽ سلامتي ڪانسواءِ پائيدار اقتصادي ترقي جي ضمانت نه ٿي ڏئي سگهجي، افغانستان ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ اسان جي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي تحفظ جي لاءِ لازمي آهي پاڪستان اڃا به پرامن، مستحڪم، علائقائي طور تي لوس ۽ خوشحال افغانستان جو خواهشمند آهي جيڪو پاڪستان ۽ ان جي پاڙيسري ملڪن جي امن جي لاءِ لازمي آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب اهڙن خيالن جو اظهار نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف گورنمينٽ جي اجلاس دوران ڏنل بيان ۾ ڪيو. هن چيو ته ماسڪو جي خوبصورت شهر ۾ ٿيڻ ۽ روسي فيڊريشن جي وزيراعظم مشوستن جي ميزباني ۾ ٿيڻ منهنجي لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي. هن روس جي گرمجوش فراخدلي ۽ روايتي مهمان نوازي ۽ ايس سي او جي اجلاس جي لاءِ بهترين انتظامن تي روسي قيادت جا ٿورا مڃيا. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان "شنگهائي روح" ۽ ان جي عظيم اصولن جي لاءِ پرعزم آهي جيڪي جيو پوليٽيڪل ۽ جيو اڪنامڪ ميدانن ۾ وڏي تبديلين جي آڌر اسان جي گڏيل ڪوشش کي سهارو ڏين ٿا. هن چيو ته گذريل سال اسلام آباد شنگهائي تعاون جي حڪومتي سربراهن (سي ايڇ جي) اجلاس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو هو ته معاشي تعاون شنگهائي تعاون جي سرگرمين جو محور آهي.

گورنمينٽ آف سنڌ

واڪن لاءِ گذارش

گڊز

(ون اينويلپ واڪ طريقيڪار)

ملڪ: پاڪستان

پروجيڪٽ جو نالو: ڪامپيٽيٽو اينڊ لوايبل سٽي آف ڪراچي (CLICK)

ڪانٽريڪٽ ٽائيٽل: ايڪيوپمينٽ فار لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ

لون نمبر/ ڪريڊٽ نمبر: 89980-PK

RFB ريفرنس نمبر: PK-LGD-522620-GO-RFB

1. پاڪستان حڪومت کي انٽرنيشنل بينڪ فار ريڪنسٽرڪشن اينڊ ڊولپمينٽ (IBRD) کان مقابلي واري ۽ رهائش پذير شهر ڪراچي (CLICK) منصوبي جي قيمت لاءِ ڪريڊٽ مليو آهي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ آمدني جو ڪجهه حصو مقامي حڪومت کاتي لاءِ سامان جي معاهدن جي تحت ادائيگين تي لاڳو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. هن معاهدي لاءِ، قرض وٺندڙ سڌو سنئون ادائيگي جي ورچ جي طريقي کي استعمال ڪندي ادائيگين کي پروسيس ڪندو، جيئن ورلڊ بينڪ جي سيڙپڪاري منصوبي جي فنانسنگ لاءِ ورچ جي هدايتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
2. ڪراچي جو مقابلي وارو ۽ رهائش لائق شهر (CLICK)، مقامي حڪومت جو کاتو هاڻي هيٺ ڏنل شين لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان مهربند واڪ طلب ڪري ٿو.

Lot	Details	Quantity
1	High End Laptop	8
	Laptop	14
	Desktop Computer with UPS and LED 23 Inch	25
	Routers	10
	IP PABX	3
	IP Phones	12
	Microsoft Office	30
	Color Printer, Heavy Duty	4
	Printers 3 in 1	12
	Scanners	6
	Video Conferencing System	3
	Portable Storage Media 2 TB	10
	Portable Storage Mediat 256GB	20
	Paper Shredder	10
	Projector Screen	2
	Projector	2
	Installation, Testing & Commissioning	1
2	LED Screen 55 Inch	10
	Power Extension Wires	20
	Standing AC 24000 BTU	8
	AC 18000 BTU	20
	AC 12000 BTU	10
	Photocopier 30 PPM	3
	CCTV IP Camera + NVR +2 TB Storage	25
	Bracket Fans	15
	Water Dispensers	5
	Fridge	4
	Microwave Oven	3
	Electric Kettle	15
	UPS 5kva with Battery Back up	6
	Hand Dryers	6
	DSLR Camera with Tripod	3
	Wall Clock	8
	Installation, Testing & Commissioning	1

واڪ ڏيندڙ هڪ يا وڌيڪ لاٽ لاءِ واڪ ڏئي سگهن ٿا جيئن واڪ ڏيندڙن کي هدايتون (ITB) ۾ واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيو ويو آهي پر لاٽ جو جائزو انفرادي طور تي ڪيو ويندو.

3. واڪ قومي مقابلي واري واڪ (NCB) جي طريقيڪار ذريعي ڪيون وينديون جيئن عالمي بينڪ جي خريداري جي ضابطن ۾ بيان ڪيل آهي IPF قرض وٺندڙن لاءِ: سيڙپڪاري جي منصوبي جي مالي مدد ۾ خريداري سامان، ڪم، غير صلاحڪار ۽ صلاحڪار خدمتون جولاءِ 2016، نظرثاني ٿيل نومبر 2020 ("خريداري ضابطا")، ۽ سڀني اهل واڪ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي، جيئن خريداري جي ضابطن ۾ بيان ڪيل آهي. ان کان علاوه، مهرباني ڪري پيراگراف 3.14 ۽ 3.15 جو حوالو ڏيو جيڪي عالمي بينڪ جي مفادن جي ٽڪراءَ تي پاليسي کي بيان ڪن ٿا.
4. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙ وڌيڪ معلومات ڪامپيٽيٽو اينڊ لو ايبل سٽي آف ڪراچي، "پروگرام ڊائريڪٽر، CLICK"، info@click.gos.pk کان حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ هيٺ ڏنل ايڊريس تي آفيس جي ڪلاڪن دوران 0930 کان 1630 تائين واڪ دستاويزن جو معائنو ڪري سگهن ٿا.
5. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ انگريزي ۾ واڪ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ هيٺ ڏنل ايڊريس تي تحريري درخواست جمع ڪرائڻ ۽ "پروگرام ڊائريڪٽر CLICK" جي حق ۾ 10،000 رپيا ناقابل واپسي فيس جي ادائيگي تي خريد ڪري سگهن ٿا. ادائيگي جو طريقو صرف روڪ هوندو. دستاويز ذاتي طور تي پڻ گڏ ڪري سگهجي ٿو. واڪ دستاويز https://click.gos.pk/tender تي ڏسي سگهجن ٿا.
6. واڪ 19 ڊسمبر 2025 تي 02:30 وڳي يا ان کان اڳ هيٺ ڏنل پتي تي پهچايون وڃن ۽ انهن سان گڏ ڪل واڪ جي قيمت جو 2% واڪ سيڪيورٽي جي ضمانت يا ان جي برابر رقم پي آرڊر / بينڪ گارنٽي / ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ آزاد طور تي تبديل ٿيندڙ ڪرنسي ۾ هجڻ گهرجي.
7. واڪ 19 ڊسمبر 2025 تي منجهند 02:30 وڳي هيٺ ڏنل پتي تي واڪ ڏيندڙن جي نمائندن ۽ ڪنهن به شخص جي موجودگي ۾ عوامي طور تي کوليون وينديون. اليڪٽرانڪ واڪ جي اجازت نه هوندي. دير سان پهتل واڪ رد ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اهي پنهنجون بهترين ۽ آخري قيمتون ڏين ڇو ته ڪا به ڳالهه ٻولهه متوقع ناهي.
8. مٿي ڄاڻايل ايڊريس هيٺين ريت آهي:

ڊپٽي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
ڪامپيٽيٽو اينڊ لو ايبل سٽي آف ڪراچي (CLICK)
فرسٽ فلور، DMC سائوٿ آفيس، حقاني چوڪ
آرام باغ، ڪراچي، 75600، پاڪستان
Tel: +92-21-99218874-5

INF/KRY/3836/25

Aitchison College Admissions for Academic Year 2026-27

Application Form for the New Admissions along with relevant information is available on the College website **www.aitchison.edu.pk.** under the Admissions category

PRINCIPAL

Email: admission@aitchison.edu.pk

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن نوشهروفيروز

فون نمبر: 0242_920029
NO.XEN/B/T.C/1032 OF 2025
Dated:14_11_2025

تصحيح

هن آفيس پاران جاري ٿيل ٽينڊر اين آءِ ٽي نمبر. TC/G-55/959 تاريخ 17-10-2025 جيڪو اڳواٽ مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو ۽ ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تي لڳايو ويو هو.

تنهن جي واڪ کولڻ، پيش ڪرڻ جو شيڊيول هيٺين ريت آهي.

پڙهو:

پيش ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت: 03-12-2025 منجهند 12:00 وڳي تائين.
کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: : 03-12-2025 منجهند 1:00 وڳي تائين.
جڏهن ته ٻيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگز ڊويزن نوشهروفيروز

INF-KRY.NO.3852/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
هيءَ نفرتن جي سياست جو دور ناهي!
صفحو 4

جاويد تقوي
ٻهار چوڻدن ۾ ڪاميابي بعد پاڪ. ڀارت تڪرار ۾ گهٽتائي ايندي؟
صفحو 4

27هين ترميم ۽ پيپلز پارٽي
محمد خان ابڙو
صفحو 4

شهزادي پرڪڙي
بيدل مسرور جي گهر مان ٽيل چوري!
صفحو 4

فاران شوگر مل شيخ پرڪيو جي انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز

ڪمند جي پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جي تيارين جي سلسلي ۾ وڪيل برادري جون گڏجاڻيون جاري

برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇني وٺنداسين. ڌرڻي جون تياريون مڪمل آهن: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

ڊپٽي جنرل مينيجر مختيار لغاري ۽ ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر رائو جاويد فاران شوگر مل ڪي مزدورن لاءِ جيل ٺاهي ڇڏيو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) فاران شوگر مل شيخ پرڪيو جي انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز ٿي وئي آهي. پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جي تيارين جي سلسلي ۾ وڪيل برادري جون گڏجاڻيون جاري آهن ان سلسلي ۾ جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ ۽ ناميارا قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري چيو آهي ته برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇني وٺنداسين ڊپٽي جنرل مينيجر مختيار لغاري ۽ ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر رائو جاويد فاران شوگر مل ڪي مزدورن لاءِ جيل ٺاهي ڇڏيو آهي. جيل ۾ به قيدين ڪي بنيادي حق مليل هوندا آهن پر فاران شوگر مل ۾ اندو قانون آهي مزدورن ڪي پنج پرسينٽ بونس سميت ٻيون مراعتون نٿيون ڏنيون وڃن واعدا ڪري مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود مزدورن کي پنهنجي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي پر اسان خاموش نه ويهنداسين. ڪمند جي پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جون تياريون مڪمل آهن ڌرڻو برطرف مزدورن جي بحالي سميت پنج پرسينٽ بونس ۽ ٻين مراعتن جي ملڻ تائين جاري رهندو

حيدرآباد: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي

جيڪب آباد ۾ بدامني خلاف سبزي فروٽ منڊي يونين پاران مظاهرو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ بدامني خلاف سبزي فروٽ منڊي يونين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سبزي منڊي ٻاهران قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مجرمل ماڻهن ڏانهن سازي بدامني خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سبزي فروٽ منڊي يونين جي اڳواڻن حاجي ديدار علي لاشاري، حاجي احمد علي ڪرل، بابل بروهي، حاجي بشير احمد سبايو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پوليس جي سستي سبب جيڪب آباد ۾ بدامني وڌي رهي آهي، ٻه ڏينهن اڳ 4 واپارين کان روڪ رقم موبائيل فونز ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪيون ويون آهن ان کان اڳ به اسان جي واپارين کان ڦر ڪئي وئي، هنن چيو ته هڪ مهيني دوران 9 کان وڌيڪ واپارين کان سرعام ڦر ڪئي وئي آهي پر پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪري سگهي ۽ نه ئي ڦر ٿيل رقم توڙي سامان واپس ڪرائي سگهي آهي هنن ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو آهي ته سبزي منڊي واري روٽ تي پوليس جو گشت وڌائي ڦر ٿيل رقم سميت سمورو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سجاول ضلع پوليس طرفان منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ 30 لٽر ديسي شراب سميت 4 ڄڻا گرفتار

منشيات خلاف آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي پئي وڃي: پوليس ترجمان

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلع پوليس طرفان منشيات فروشن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري 4 منشيات فروش گرفتار هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ 30 لٽر ديسي شراب ٺرو برآمد، ڪيس داخل پوليس ترجمان موجب، ايس ايڇ او لاڏيون غلام مصطفيٰ سولنگي گشت دوران گهار واهه روڊ، ڪرڙ اسٽيشن جي ويجهو ڪارروائي ڪندي منشيات فروش عبدالغني چاوڙيو کي 1100 گرام چرس سميت گرفتار ڪري، سندس خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ايس ايڇ او چوهڙ جمالي ممتاز علي ٿيبو خفيه اطلاع تي ٻن دار ڏار هنڌن تي ڇاپا هڻي منشيات فروش روشن علي درس ۽ عتيق احمد کي 10-10 لٽر ديسي شراب ٺرو سميت گرفتار ڪري الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا، ايس ايڇ او جاتي منير هڪڙو دوران گشت بائي پاس لڳ ڪارروائي ڪندي منشيات فروش مشتاق احمد ٽوڙهيو کي 10 ليٽر ديسي شراب ٺرو سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ضلعي پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات خلاف آپريشن ۾ وڌيڪ تيزي آندي پئي وڃي ۽ اهڙين ڪارروائين جو

بلڙي جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ڳوٺ حاجي حسين دل جو تعميراتي ڪم بند

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جي نئين تعميراتي عمارت ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو

شاگرد ۽ شاگرديائون ڪيترن ئي مهينن کان مينهن جي واڙي ۽ کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

اسڪول جي ٻن ڪمرن، واش روم ۽ باوئنڊري وال جي نئين سر تعمير لاءِ 85 لک روپيا مختص ڪيا ويا هئا: ڳوٺاڻا

ملاڪاتيار(رپورٽ: عطا مگريو) تعلقو بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ حاجي حسين دل ۾ قائم گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جي نئين تعميراتي عمارت ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو جنهن سبب 246 کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرديائون ڪيترن ئي مهينن کان ڳوٺ جي مينهن جي واڙي ۽ کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته ورڪس ايجوڪيشن جا ذميوار عملدار مڪمل طور مجرمانه خاموشي اختيار ڪري ويٺا آهن. تفصيل موجب اسڪول جي ٻن ڪمرن، واش روم ۽ باوئنڊري وال جي نئين سر تعمير لاءِ 85 لک روپيا مختص ڪيا ويا هئا، جنهن جو ٺيڪو علائقي جي بااثر شخصيت کي مليس پر ڪم گهٽ رقم تي هڪ پيٽي ٺيڪيدار حوالي ڪيو ويو. ٺيڪيدار مٽي مهيني ۾ ڪم شروع ڪري ٻن ڪمرن جي تعمير بعد باقي ڪم ڇڏي غائب ٿي ويو. اسڪول جي هيڊ ماستر هادي بخش دل ڳوٺاڻن محمد سلطان دل ٻڌايو ته تعليمي عمل جاري رکڻ لاءِ ڳوٺ جي هڪ نيڪ مرد پنهنجي مينهن جو واڙو عارضي طور اسڪول لاءِ ڏنو آهي. جتي هر صبح مينهون نڪرڻ کانپوءِ صفائي ڪري ٻارن کي ويهاريو ويندو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته واش روم نه هئڻ سبب خاص طور معصوم شاگرديائين کي شديد تڪليف پيش اچي رهي آهي. جڏهن ته سياري جي شروعات سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو امڪان آهي. هيڊ ماستر ۽ ڳوٺاڻن ورڪس ايجوڪيشن جي عملدارن جي لاپرواهي تي سخت مايوسي ظاهر ڪندي چيو ته سندن خاموشي تعليمي عمل کي سخت نقصان پهچائي رهي آهي. هنن ٽنڊو محمد خان جي چونڊيل نمائندن وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه کي اپيل ڪئي آهي ته فوري ڪارروائي ڪندي اسڪول جي اڌ ۾ رهيل تعمير مڪمل ڪرائي ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائي پنهنجو قومي فرض نڀائين

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ٽماهي گڏجاڻي

سڪرنڊ (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ٽماهي گڏجاڻي سوسائٽي جي چيئرمين پروفيسر علي بخش سومرو جي صدارت هيٺ ڪانفرنس روم ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ايگزيڪيٽو ڪائونسل جي ميمبرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ڪائونسل کي تفصيلي بريفنگ ڏني جنهن تي ڪائونسل پاران اطمينان جو اظهار ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ اداري جي ٽماهي ڪارڪردگي بجيٽ ۽ دوائن سميت مختلف موضوع زير بحث رهيا ان موقعي تي ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ نئين مقرر ٿيل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڊوڪي جي آجيان ڪئي وئي جنهن کي بورڊ آف ايگزيڪيٽو ڪائونسل ۾ شامل ٿيڻ ۽ سندس دلچسپيءَ کي ساراهيو ويو ان کان اڳ جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو گڏجاڻيءَ ۾ مير محمد سيال صدرالدين ميمڻ پروفيسر نريش ڪمار انجنيئر سنتوش ڪمار خان محمد پلي چوڌري عبدالقيوم آرائين ۽ قاضي جاويد سنائي شريڪ هئا

رحيم داد خان مولائي شيدائي پبلڪ لائبريري ۾ تربيتي ورڪشاپ

تربيتي پروگرامن جو مقصد عوام ۾ شهري دفاع بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي: امتياز علي ميمڻ

شهري دفاع جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ هڪ ڊگهي مدت جي حڪمت عملي ناهڻ جي ضرورت آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سول ڊفينس سکر پاران رحيم داد خان مولائي شيدائي پبلڪ لائبريري ڪلچر ڪمپليڪس سکر ۾ هڪ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڊپٽي چيف واردن ڊاڪٽر سعيد اعوان پاران 100 کان وڌيڪ شاگردن ۽ ميمبرن کي بنيادي بچاءُ ابتدائي امداد، فائر فائٽنگ ۽ سي پي آر جي تربيت ڏني وئي. پروگرام جي صدارت ايڊيشنل ڪنٽرولر سول ڊفينس امير الدين عباسي ڪئي ان موقعي تي خاص مهمان امتياز علي ميمڻ ڊائريڪٽر ڪلچر ڪمپليڪس سکر خطاب ڪندي چيو ته سول ڊفينس جو مطلب آهي شهري دفاع هي ادارو هميشه جنگ يا امن دوران قوم جي طاقت ۽ صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آهي انهن تربيتي پروگرامن جو مقصد عوام ۾ شهري دفاع بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ اهڙا رضاڪار تيار ڪرڻ آهي جيڪي قدرتي آفتن جهڙوڪ زلزلي، ٻوڏ، طوفان يا خشڪي وغيره ۽ انسان جي ناهيل آفتن جهڙوڪ خودڪش حملن بم ڌماڪن باهه دهشتگردي يا صنعتي حادثن وغيره جي صورت ۾ ٻارن کي مدد ڏيڻ جي قابل هجن شهري دفاع جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ هڪ ڊگهي مدت جي حڪمت عملي ناهڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو يقيني بڻائڻ جي ضرورت آهي ته شهري دفاع جي تربيت هر پاڪستاني لاءِ لازمي هجي ته جيئن هو ڪنهن به قسم جي هنگامي صورتحال کي مؤثر طريقي سان منهن ڏئي سگهي پر ادارا شهري دفاع جي تربيت جي هن عمل کي اڪيلو نه ٿا ڪري سگهن ان لاءِ حڪومت، ميڊيا ۽ ٻيا ادارا چاهي سرڪاري هجن يا خانگي ان سان هم آهنگ ٿيڻا پوندا. ان موقعي تي تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ ميمبرن ۾ تربيتي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي محمد انيس خان يوسف واردن حاجي محمد رياض ڪوڪر شيخ محمد عدنان لالا عمران ميراڻي، حامد رضا ميمڻ ارسلان احمد قاري شهزاد راجپوت، محمد ادريس ڪوسو ۽ ٻيا موجود هئا.

رحيم داد خان مولائي شيدائي پبلڪ لائبريري ڪلچرل ڪمپليڪس سکر ۾ سول ڊفينس ٽريننگ ورڪشاپ جو انعقاد

پ پ ضلع صدر جي ڪوٽا مان ڊاڪٽر ڪالوني لاءِ پيور بلاڪ جي اسڪيم منظور

مٽياري(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي صدر سيد پير امير علي شاهه هاشمي جي خاص دلچسپي ۽ عوام دوست قدمن تحت پي پي پي ضلعي صدر جي ڪوٽا مان ڊاڪٽر ڪالوني لاءِ پيور بلاڪ جي اسڪيم منظور ڪري ڏني وئي آهي. ايڪسين پبلڪ هيلٿ مٽياري وحيد ارباب ۽ ايس ڊي او مٽياري شاهويز ميمڻ جي نگراني ۾ ڪم مڪمل علائقي جي رهواسين طرفان هن فيصلي کي ساراهيو پيو وڃي، چو ته پيور بلاڪ جي فراهمي سان رستن جي بهتري، صفائي سٿرائي ۽ روزمره جي رهڻي ڪهڻي ۾ واضح سڌارو ايندو شهرين جو چوڻ آهي ته سيد پير امير علي شاهه هاشمي هميشه عوامي سهولتن ۽ ترقياتي عمل کي ترجيح ڏني آهي، ۽ اهو قدم پڻ ساڳئي سلسلي جي ڪڙي آهي هن قدمن سان ضلعي ۾ وڌيڪ سهولتون مهيا ٿيڻ جون اميدون پڻ وڌي ويون آهن

مٽياري: پ پ ضلع صدر جي ڪوٽا مان ڊاڪٽر ڪالوني لاءِ پيور بلاڪ جي اسڪيم منظور

سخي ڄام ڏاتار جي ساليانو عرس مبارڪ تي ايندڙ پانڌيئڙن لاءِ

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ اڳوڻي ناظم علي اصغر رند پاران هر سال جيان هن سال به سخي ڄام ڏاتار جي ساليانو عرس مبارڪ جي موقعي تي ايندڙ پانڌيئڙن لاءِ رات جي ماني جو اهتمام ڪيو جتي سوين زائرين جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي ايندا آهن جن ۾ عورتون مرد ۽ ٻار شامل هوندا آهن انهن لاءِ الڳ الڳ ويهڻ جو انتظام ڪري ماني کارائي وئي ان موقعي تي علي اصغر رند ڳالهائيندي چيو ته سنڌ صوفين ۽ بزرگن جي سرزمين آهي جتان سدائين امن جو پيغام پکڙيو آهي اسان جي روحانيت سخي ڄام ڏاتار سان آهي جنهن جي مزار تي اچڻ سان سڪون حاصل ٿيندو آهي ان

شهدادڪوٽ ضلعي جي عدالتن ۾ وڪيلن جو بائيڪاٽ

وڪيلن پاران 27 آئيني ترميم جي مخالفت ۾ عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

انصاف جي اوسيئڙي لاءِ ايندڙ سائل عدالتي ڪاروائين جي بائيڪاٽ سبب رلي ويا

شهدادڪوٽ(ڊ ر) 27 آئيني ترميم جي مخالفت ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي ضلعي بار ايسوسيئيشن جي حمايت سان قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي عدالتن ۾ وڪيلن جي بائيڪاٽ سبب سائل رلي ويا عدالتي وهنوار ٺپ ٿي ويو ان ڏس ۾ ضلعي بار ايسوسيئشن جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ سهيندر ڪمار پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب 27 آئيني ترميم جي خاتمي لاءِ سنڌ ڪائونسل ۽ ضلعي بار جي اپيل تي وڪيلن ٻئي ڏينهن به عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو جنهن ڪري لڳاتار ٻن ڏينهن کان جاري وڪيلن جي احتجاج سبب وڪيل عدالتي وهنوار جو بائيڪاٽ ڪيو جڏهن ته انصاف جي اوسيئڙي لاءِ ايندڙ سائل عدالتي ڪاروائين جي بائيڪاٽ سبب رلي ويا آهن

شهدادڪوٽ: وڪيل 27 ترميم خلاف عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪري رهيا آهن

ڪنڊيجي قومي شاهراهه تي پوليس پڪٽ جي ڀرسان ڦر

طفيل سهتو کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار

ڪنڊيجي (ن ع) ڪنڊيجي قومي شاهراهه تي پوليس پڪٽ جي ڀرسان نامعلوم هٿياربند ڪنڊيجي جي رهواسي طفيل سهتو کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل موبائيل فون روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويو اطلاع ملڻ تي ڪنڊيجي جا رهواسي ۽ سهتا برادري پاران بدامنيءَ ۽ واقعي جي خلاف پوليس پڪٽ جي سامهون نعمت سهتو،تحميل سهتو،عمرعلي سهتو،طفيل احمد سهتو،شڪيل احمد،مولابخش،عبدالرشيد،فهيم رضا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙن پوليس چور ڪٽ جوڙ نامنظور،بدامني تي ضابطو آڻيو،شهرين ۽ ڳوٺاڻن جو تحفظ ڪيو،ڦرٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو جا سخت نعري بازي ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو راڻي پور ٿاڻي جي پوليس امن امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي قومي شاهراهه تان صبح جي وقت ڦورو ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا پوليس پڪٽ تي ڪوبه پوليس اهلڪار موجود نه هيو پوليس پڪٽ مان ئي هٿياربند نڪر ڪري ڦر ڪري فرار ٿي ويو

پاڪستان ڪوئز سوسائٽي پاران شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪوئز مقابلي جو اعلان

17ڊسمبر تي ڊاڪٽر آءِ ايڇ زبيري گرلز ڪاليج ۾ مقابلو منعقد ڪيو ويندو

تقريب جو مقصد نوجوانن ۾ مطالعو، تحقيق ۽ قومي اڳواڻن بابت ڄاڻ وڌائڻ قرار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ڪوئز سوسائٽي شهيد بينظير ڀٽو جي 18هين ورسيءَ جي موقعي تي هڪ اهم علمي تقريب 'محترمه بينظير ڀٽو ڪوئز مقابلو 2025' منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. هي مقابلو نه رڳو شاگرديائين کي پاڪستان جي تاريخ سياست ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي جدوجهد بابت علم وڌائڻ جو موقعو فراهم ڪندو پر نوجوانن ۾ مطالعو تحقيق ۽ علم سان وابستگيءَ جو جذبو به پيدا ڪندو تقريب 17 ڊسمبر 2025ع تي گورنمينٽ ڊاڪٽر آءِ ايڇ زبيري گرلز ڪاليج آف هوم اڪنامڪس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي ويندي، جتي مختلف ادارن مان ايندڙ شاگرد وچ ۾ مقابلو ٿيندو. ڪوئز سوسائٽي موجب مقابلي لاءِ سوالن جو انتخاب حافظ نسيم الدين جي مشهور ۽ مستند ڪتاب "بينظير ڀٽو حيات ۽ خدمات- معلوماتي انسائيڪلوپيڊيا" مان ڪيو ويندو جيڪو شهيد محترمه جي سياسي جدوجهد، عالمي سچائين، فلاحي خدمتن ۽ فڪر جو جامع احاطو ڪري ٿو سوسائٽي جي عهديدارن مطابق هي مقابلو هر سال جيان هن ڀيري به شاگردن ۾ تاريخي ڄاڻ ۽ فڪري جاڳرتا کي وڌائڻ جو سبب بڻجندو. ان جو مقصد نوجوان نسل کي پنهنجي ليڊرن جي قربانين کان واقف ڪرائڻ ۽ مطالعي جي عادت کي فروغ ڏيڻ آهي.

وڳڻ ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري جا دورا

شهيد زيڊ اي ڀٽو هائير سيڪنڊري بوائز اسڪول وڳڻ پهچي اسيمبلي اٽينڊ ڪئي

سٽيهه استادن مان صرف ڇهه استاد ۽ سترهن سئو شاگردن مان صرف ٽيهه شاگرد موجود هئا

وڳڻ(ن ع) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري الله بخش سومرو ڊپٽي ڊي اي او بشير احمد چانڊيو ۽ ڊپٽي ڊي اي او احمد سعيد سان گڏجي شهيد زيڊ اي ڀٽو هائير سيڪنڊري بوائز اسڪول وڳڻ پهچي اسيمبلي اٽينڊ ڪئي ۽ اسڪول جو دورو پڻ ڪيو جڏهن ته سٽيهه استادن مان صرف ڇهه استاد ۽ سترهن سئو شاگردن مان ڪلاس ڇهين سٺين ۽ اٺين جا ٽيهه شاگرد موجود هئا نان ٽيچنگ اسٽاف جا ٻارنهن ئي ملازم غير حاضر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ مان هڪ ڄڻو حاضر بقايا سمورا غير حاضر جنهن دوران ڊي اي او سيڪنڊري الله بخش سومرو عملي مٿان سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ ڊي اي او چيو ته مان قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ تعليم جو معيار بهتر بڻائڻ لاءِ اڪثر پنهنجي ٽيم سان گڏ اسڪولن جو دورو ڪندو آهيان اڄ وڳڻ جي هائير سيڪنڊري اسڪول جو اسيمبلي وقت دورو ڪيو جتي صرف پرنسپال سميت ڇهه استاد ۽ هڪ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ موجود هيو بقايا ايڪٽيهه استاد نان ٽيچنگ جو سمورو عملو ۽ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ غير حاضر هيا جن خلاف اسين اٿارٽي کي لکنداسين ته غير حاضر عملي خلاف E اينڊ D رول 1973 مطابق هنن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ رپورٽ سيڪريٽريءَ ڏانهن اماڻي ويندي جڏهن ته پرنسپال سميت سموري عملي کي زباني طور ڊيوٽي پابندي سان وقت سر ڪرڻ جو پابند بڻائڻ جي سخت هدايت ڪئي آهي هن چيو ته اسان تعليم دوست آهيون ٻارن کي بهتر تعليم ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ سخت محنت ڪري رهيا آهيون

وڳڻ: شهيد زيڊ اي ڀٽو هائير سيڪنڊري بوائز اسڪول وڳڻ پهچي اسيمبلي اٽينڊ ڪئي

مٽياري ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي فار نيشنل ايڪشن پلان جو اجلاس

قومي ايڪشن پلان تحت جاري ڪم، قدمن ۽ مجموعي صورتحال تي تفصيلي جائزو

اجلاس ۾ لاڳاپيل سڀني ادارن پنهنجي پنهنجي شعبي بابت پروگريس رپورٽون پيش ڪيون

مٽياري(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي صدارت ۾ مٽياري ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي فار نيشنل ايڪشن پلان جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي ۾ قومي ايڪشن پلان تحت جاري ڪم، قدمن ۽ مجموعي صورتحال تي تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران ضلعي ۾ امن امان، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي مختلف ڪاڻن جي رپورٽن، افغان باشندن جي رپورٽ، سي پيڪ پروجيڪٽ جي سيڪيورٽي ۽ قومي ايڪشن پلان جي تحت مقرر ڪيل ٽاسڪن تي مجموعي طور تي بحث ڪيو ويو. لاڳاپيل سڀني ادارن پنهنجي پنهنجي شعبي بابت پروگريس رپورٽون پيش ڪيون ۽ اڳتي لاءِ گڏيل حڪمت عملي بابت تجويزون پيش ڪيون. اجلاس ۾ هوم ڊپارٽمينٽ وٽان آيل هدايتن جنهن ۾ غير قانوني ٻاهرين شين جهڙوڪ سگريٽ وغيره سائبر ميسيج بجلي چوري ۽ ضلعي جي سڀني علائقن ۾ جاچ، نگراني سيڪيورٽي انتظامي قدم ۽ عوامي سهڪار کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ زور ڏنو ويو ته جيئن قومي ايڪشن پلان تحت مقرر ڪيل هدف حاصل ڪري سگهجن. اجلاس ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل ڪاشف، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نور احمد، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو مٽياري اقراءِ جتوئي، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالستار شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر آصف حسين شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شڪيل ايڪشن پلان جي حوالي سان اهم گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

سکر جي پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي خدمتن جي اعتراف ۾ تقريب

پوليس آفيسرن کي ڪمينڊيشن سرٽيفڪيٽ- (CCIII) IIIسرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏنا ويا

بهادر ۽ فرض شناس آفيسر پوليس فورس جو اثاثو ۽ فخر آهن: ايس ايس پي سکر اظهر خان

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي خدمتن جي اعتراف ۾ ايس ايس پي آفيس ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ بهادري جو مظاهرو ڪندڙ پوليس آفيسرن کي ڪمينڊيشن سرٽيفڪيٽ- (CCIII) III سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏنا ويا. تقريب ۾ خاص طور تي ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙو پوليس مقابلن ۽ آپريشنز ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن کي ساراهيو ويو. گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ سنڌ صوبي جي بدنام ايوارڊ يافته ڌڪت سلطان شاهه ۽ سندس پٽ سان پوليس مقابلي ۾ بهادري جو مظاهرو ڪندڙ آفيسرن کي ايوارڊ پيش ڪيا ويا، انهي سان گڏ گهوٽڪي جي ريونٽي ڪچ ۾ ڌاڙيلن خلاف جاري آپريشن ۾ حصو وٺندڙ پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي به ايوارڊ ڏنا ويا. سرٽيفڪيٽ ورهائيندي، ايس ايس پي سکر اظهر خان چيو ته بهادر ۽ فرض شناس آفيسر پوليس فورس جو اثاثو ۽ فخر آهن. مشڪل حالتن ۽ خطرناڪ آپريشنز جي باوجود، اهي آفيسر جن ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيون آهن اهي خراج تحسين جا مستحق آهن. هن وڌيڪ چيو ته ايوارڊ ۽ اعزاز ڏيڻ جو مقصد آفيسرن جو حوصلو وڌائڻ ۽ انهن کي بهتر ڪارڪردگي جو جذبو ڏيڻ آهي. سکر پوليس هميشه عوام جي حفاظت، امن امان قائم ڪرڻ ۽ ڏوهن جي مڪمل خاتمي لاءِ سرگرم ۽ تيار آهي. ايس ايس پي سکر اميد ظاهر ڪئي ته آفيسر مستقبل ۾ به ساڳئي جذبي، نيڪ نيتي ۽ ايمانداري سان پنهنجا فرض ادا ڪندا رهندا، جڏهن ته سکر پوليس مستقبل ۾ به بهادر آفيسرن جي حوصلا افزائي ڪندي رهندي.

سکر: ايس ايس پي سکر اظهر خان سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي حوصلا افزائي ڪري رهيو آهي

مهراڻ يونيورسٽي المنائي ايسوسيئيشن پاران پروگرام مئنيجمينٽ بابت سيمينار

سکڻ لاءِ مرضي ۽ شوق جو هجڻ لازمي آهي پر اهو شوق بک وانگر هجڻ گهرجي: ياسر قادر

يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ شاگردن کي رڳو پيپر پاس ڪرڻ ۽ ڊگري حاصل ڪرڻ جو فڪر نه هجڻ گهرجي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي المنائي ايسوسيئيشن پاران پروگرام مئنيجمينٽ جي باري ۾ مهراڻ يونيورسٽي ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار کي مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو، المنائي ايسوسيئيشن جي صدر انجنيئر طفيل احمد ميمڻ انجنيئر حارث ڀٽو ۽ آمريڪا مان آيل مک اسپيڪر پروگرام ۽ پراڊڪٽ مئنيجمينٽ ليڊر محمد ياسر قادر ميمڻ خطاب ڪيو. ياسر قادر چيو ته سکڻ لاءِ مرضي ۽ شوق جو هجڻ لازمي آهي پر اهو شوق بک وانگر هجڻ گهرجي اهڙي جيئن بک لڳندي آهي هن چيو ته يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ شاگردن کي رڳو پيپر پاس ڪرڻ ۽ ڊگري حاصل ڪرڻ جو فڪر نه هجڻ گهرجي فڪر اهو هجڻ گهرجي ته سکڻ جا پيا، سکڻ تي زور ڏجي هن چيو ته مغرب جي دنيا ۾ ڳالهائڻ کان وٺي ڪم ڪرڻ تائين جا معيار ۽ لوازمات مختلف آهن پروگرام ۽ پراڊڪٽ جي مئنيجمينٽ ۾ ان پروگرام ۽ پراڊڪٽ بابت ڄاڻ هجڻ لازمي آهي. منصوبه بندي لازمي آهي محمد ياسر ميمڻ چيو ته ڪنهن پراڊڪٽ ۽ پروگرام جي مقصد ۽ افاديت بابت معلوم هجڻ ضروري شرط آهي هن چيو ته ڪڏهن ڪڏهن پراڊڪٽ ٺاهيندڙ کي خبر هوندي آهي ته اهو ڪهڙي ڪهڙي ڪم ايندو ۽ زندگي لاءِ ضروري ڪيئن بڻجي ويندو پراڊڪٽ خريد ڪندڙ کي اندازو نه هوندو آهي هن چيو ته ڪريڊٽ ڪارڊ، ڊيبٽ ڪارڊ جو فراڊ روڪڻ تي جيڪي ايپليڪيشنس ڪم ڪن ٿيون مون انهن تي ڪم ڪيو آهي هن چيو ته سائبر ورلڊ ۾ پرائيويسي ۽ سڪيورٽي تمام اهم معاملو آهي تقريب ۾ اورڪ جي انچارج ڊائريڪٽر عارف جليباڻي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي المنائين شاگردن ۽ استادن شرڪت ڪئي

سيبس يونيورسٽي ۾ جديد ٽيڪنالاجي سان سرشار سمارٽ ٽرانسپورٽ نظام متعارف ڪرائڻ جو معاهدو

ڊي سي جي نگرانيءَ ۾ ٽرانسپورٽ آفيسر امجد علي جهتيال ۽ چالو ٽيڪنالاجيز جي سي اِي او علي رضا صحيحون ڪيون

معاهدي تحت، چالو ٽيڪنالاجيز يونيورسٽيءَ جي ٽرانسپورٽ گاڏين ۾ جديد ترين سسٽم نصب ۽ نگراني ڪندي

شروعاتي طور يونيورسٽيءَ جي هڪ بس ۾ گاڏين جي ٽريڪنگ سسٽم، سي سي ٽي وي نگراني ۽ ٻيا ايڊمن پورٽل متعارف ڪرايا ويندا

ڄامشورو(پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشوري ۾ ٽرانسپورٽ نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ چالو ٽيڪنالاجيز پرائيويٽ لميٽيڊ سان هڪ يادداشت نامي (ايم او يو) تي صحيحون ڪيون ويون معاهدي جو مقصد يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ نظام کي جديد بڻائڻ ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل حلن ذريعي تبديل ڪرڻ آهي معاهدي تي سيبس يونيورسٽي ڄامشوري جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو جي نگرانيءَ ۾ ٽرانسپورٽ آفيسر امجد علي جهتيال ۽ چالو ٽيڪنالاجيز جي سي اِي او علي رضا صحيحون ڪيون معاهدي تحت، چالو ٽيڪنالاجيز يونيورسٽيءَ جي ٽرانسپورٽ گاڏين ۾ جديد ترين سسٽم نصب ۽ نگراني ڪندي اهڙو قدم يونيورسٽي جي بسن ۾ سفر ڪندڙ شاگردن استادن ۽ عملي جي حفاظت کي وڌائڻ شفاف بڻائڻ ۽ ڪارآمد ٽرانسپورٽ آپريشن متعارف ڪرائڻ لاءِ کنيو ويو آهي شروعاتي طور يونيورسٽيءَ جي هڪ بس ۾ گاڏين جي ٽريڪنگ سسٽم سي سي ٽي وي نگراني، روٽ مانيٽرنگ لاءِ وائي فائي، براهِ راست رسائي ۽ ڪارڪردگي ڏيڻ لاءِ ايڊمن پورٽل متعارف ڪرايا ويندا. چالو ٽيڪنالاجيز يقيني بڻائيندي ته سڀئي سسٽم مڪمل طور تي نصب ٿيل، پائيدار جانچيل ۽ منظور ٿيل حفاظتي معيارن موجب آپريشنل آهن ڪمپني يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ عملي لاءِ مڪمل ٽيڪنيڪل سپورٽ، سسٽم جي سار سنڀال وقتي ڪارڪردگي اپڊيٽس ۽ تربيت پڻ فراهم ڪندي معاهدي تحت چالو ٽيڪنالاجيز اندر شاگردن جي انٽرنشپ ۽ عملي تربيتي موقعا پيدا ڪيا ويندا. ٻئي پارٽيون گڏيل سهڪار سان سمارٽ ڪيمپس ٽرانسپورٽ نظام جا حل، گڏيل تحقيقي منصوبا، ٽيڪنالاجي تي هلندڙ ٽرانسپورٽ جي شروعات، نمائش، آئوٽ ريچ ڪو برانڊنگ، ورڪشاپ، آگاهي مهم ۽ ماحول دوست ٽرانسپورٽ نظام لاءِ گڏ ڪم ڪنديون

MOU SIGNING CEREMONY
chaloo
ڄامشورو: ايس اي بي ايس يونيورسٽي ۽ چالو ٽيڪنالاجيز ۾ سمارٽ ٽرانسپورٽ سسٽم متعارف ڪرائڻ لاءِ ايم او يو تي صحيح جي تقريب

خيرپور ۾ جنسار علي سومرو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ مقرر

سوڀوديرو (ن ع) خيرپور ميرس ضلعي جي سينيئر صحافي، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس خيرپور يونين آف جرنلسٽس جي باني، مشهور سماجي ڪارڪن صوفي محمد اسحاق سومرو راڻي پور سٽي پريس ڪلب جي صدر ۽ انساني حقن جي اين جي او جي ميمبر فقير محمد عباسي، راڻي پور جي صحافين عبدالشڪور شيخ، بشير احمد راجپوت ۽ ٻين باصلاحيت ۽ قابل ۽ بي خوف ايماندار آفيسر جنسار علي سومرو کي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ خيرپور مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس وڌيڪ ترقي ۽ صحت، حفاظت ۽ ڊگهي عمر لاءِ دعا ڪئي

سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: عامر وڙائچ

27هين آئيني ترميم کان پوءِ صوبن ۾ انتشار ڦهلجندو، سنڌ خاطر وڪيل پنهنجون جانيون ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندا

چيف جسٽس کي به رٽ ڏنو آهي ته 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم بابت سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ ناهي ڪري ٻنهي ترميمن جو جائزو ورتو وڃي

اسان حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ان بئنچ ۾ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله کي به شامل ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ وڪيلن جي اڳواڻ ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم آئي سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين، پوءِ ڀلي اسان کي روڊن تي اچڻو پئي يا جانين جا نذرانا ڏيڻا پون هن چيو ته سنڌ خاطر وڪيل پنهنجون جانيون ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندا ۽ سنڌ جي حقن لاءِ مرڻدي گهڙي تائين جدوجهد جاري رکندا عامر نواز وڙائچ چيو ته 27هين آئيني ترميم کان پوءِ صوبن ۾ انتشار ڦهلجندو ۽ سنڌ صوبي کي ڪراچي، مهراڻ ۽ سنڌ صوبي ۾ تقسيم ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن سنڌ جي وحدانيت تي اسان سڀني کي گڏ ٿيڻو پوندو هن چيو ته 27هين آئيني ترميم خلاف سڀ وڪيل متحد ۽ هڪ پيج تي آهيون سکر وارو وڪلا ڪنوينشن ڪراچي ۽ حيدرآباد کان به وڏو هيو سڄي سنڌ مان وڪيلن جو وڏو انگ اسان سان گڏ آهي ۽ انشاءَالله 27هين ترميم ختم ٿي ويندي هن وڌيڪ چيو ته اسان 7 ڏينهن لاءِ ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪيو آهي ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کي به ستن ڏينهن جو وقت ڏنو ته جيڪي 26هين ۽ 27هين ترميم بابت درخواستون پينڊنگ ۾ آهن انهن کي جلد کان جلد ٻڌو وڃي 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم بابت سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ ناهي ڪري ٻنهي ترميمن جو جائزو ورتو وڃي هن چيو ته اسان حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ان بئنچ ۾ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله کي به شامل ڪيو وڃي چو ته هنن استعيفائون هن نظام کان تنگ ٿي ڏنيون آهن ٿي سگهي ٿو حڪومت اهو چئي ته وڪيلن کي روڊن تي اچڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ناهي اسان ڪڏهن به روڊن تي اچڻ نٿا چاهيون اسان پنهنجي عدالتي نظام کي بهتر ڪرڻ چاهيون ٿا.

اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي آشيرواد سان منشيات جو سرعام وڪر جيان وڪرو

چريا چوڪ، جسڪاڻي جسڪاڻي چوڪ، ٻائو خان پناڻ، فاضلاڻي موري، رهاڻ مري ۽ ٻين علائقن ۾ اڏا قائم

مين پڙي، گٽڪو انڊين سفينا، مائو گٽڪو ڪچي سپاري، چرس، آفيم، شراب، آئيس نشو ۽ ڏرو ديده دليري سان وڪامڻ لڳو

اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن وردي جي آڙ ۾ دڪانداري شروع ڪري ڇڏي آهي، صرف نالي ماتر ڪارروائي ڪئي وڃي ٿي: رهواسي

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد اوڏيرولال اسٽيشن شهر سميت چريا چوڪ جسڪاڻي جسڪاڻي چوڪ، ٻائو خان پناڻ فاضلاڻي موري، رهاڻ مري، طاهر هنگورو پارسي فارم هالا حويلي، حسين ساند، ڏهر دري، سميت ننڍن وڏن ڳوٺن ۽ اسٽاپن تي مين پڙي، گٽڪو انڊين سفينا، مائو گٽڪو ڪچي سپاري، چرس آفيم شراب، آئيس نشو ۽ ڏرو پوليس جي آشيرواد سان سرعام وڪر جيان وڪرو ٿيڻ لڳو آهي. اوڏيرولال اسٽيشن شهر ۾ منشيات جا اڏا کلي ويا آهن حد جي پوليس هفت تي هفت رکي منٿلي وصول ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي آهي، نوجوان توڙي شاگرد نشي جا عادي بڻجي ويا آهن جنهن ڪري هڪ سال اڳ نشي واپرائڻ سبب 20 کان مٿي ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن، جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن. ٻئي طرف هتان جي سڄاڻ ڏرين صحافين کي ٻڌايو آهي ته اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪار وردي جي آڙ ۾ دڪانداري شروع ڪري ڇڏي آهي صرف نالي ماتر ڪارروائي ڏيکاري وڃي ٿي ويندڙ ماڻهن کي پڪڙي ڪيس داخل ڪري صرف بالا آفيسرن کي سرمو پارائڻ ۾ رڌل آهن انهن چيو ته اسان صوبائي گهرو وزير ضياالحسن النجار ايڪسائيز آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ٿا ڪيون ته نوٽيس وٺي اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ وڪر جيان وڪرو ٿيندڙ منشيات جلد کان جلد بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي ۽ منشيات فروشن سميت سندن ساٿاري بڻيل پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

سجاول ۾ قرآن پاڪ جو حفظ مڪمل ڪرڻ تي شاندار دستاربندي جي تقريب

اولاد کي قرآن پاڪ جي تعليم سان روشناس ڪرائيندڙ والدين خوشنصيب آهن: حافظ رياض

قرآن پاڪ جي خدمت ۽ علم جي روشني سان گهرن ۾ برڪت ۽ سڪون اچي ٿو

سجاول (ڊ ر) سني رابطا ڪائونسل جي صدر حافظ رياض ميمڻ جي فرزند حافظ ابو سفيان ميمڻ جي سرڪري محمدي مسجد ۾ قرآن پاڪ جو حفظ مڪمل ڪرڻ تي شاندار دستاربندي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شهر جي مذهبي سماجي ۽ واپاري حلقن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي خصوصي مهمانن ۾ قائد اهل سنت مولانا محمد احمد لڌيانوي، مولانا ثناء الله حيدري ۽ مولانا عبدالجباري حيدري شامل هئا. جن تقريب ۾ شرڪت ڪري حافظ ابو سفيان کي مبارڪباد ڏني ۽ سندس والدين کي هن سعادت تي سرهائيون پيش ڪيون. ان موقعي تي حافظ رياض ميمڻ مهمانن کي سنڌي ثقافت موجب پٽڪا ٻڌايا ۽ روايتي لونگيون پڻ اوڍايون ويون تقريب ۾ واپاري اڳواڻ حاجي اسلم ميمڻ پڻ آيل معزز مهمانن کي سنڌي پٽڪا پيش ڪيا. مذهبي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته جيڪي والدين پنهنجي اولاد کي قرآن پاڪ جي تعليم سان روشناس ڪرائين ٿا، اهي حقيقت ۾ خوش نصيب آهن. چو ته قرآن پاڪ جي خدمت ۽ علم جي روشني سان گهرن ۾ برڪت ۽ سڪون اچي ٿو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جماعت اهل سنت هميشه سرور ڪونين حضرت محمد ﷺ جي طريقي ۽ صحابهءِ ڪرام جي نقش قدم تي هلي رهي آهي ۽ ان مشن کي اڳتي به جاري رکيو ويندو تقريب ۾ مولانا الياس فاروقي، قاري مختيار مستوئي، مولانا هدايت الله عاشق علي راهمون، حافظ ياسين لنڊ، عبدالجبار عاجز سميت شهر جي واپارين علماءِ ڪرام سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ جماعت جي ڪثرت سان ڪارڪنن شرڪت ڪئي آخر ۾ نوم حفظ ڪندڙ حافظ ابو سفيان لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

سجاول: قرآن پاڪ جو حفظ مڪمل ڪرڻ تي شاندار دستاربندي جي تقريب

خيرپور ۾ بااثر ڏيرن پاران بيواهه کي موتمار ڌمڪيون

خيرپور(ڊ ر) ڳوٺ ڪلراڻي ناريجا لڳ مهيسر وڏا ٿاڻي جي حد ۾ بااثر ڏيرن پاران بيواهه عورت سان ظلم بيوه کي ٻارن سميت قتل ڪرڻ جي ڌمڪي تفصيل موجب خيرپور جي وڏا مهيسر ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ ڪلراڻي ناريجا ۾ بااثر ڏيرن جو مسمات ارباب خاتون زال مرحوم محمد عثمان ناريجو جي گهر تي قبضو ڪري ٻاٿي جو تلڪو پٽي ڇڏيو آهي ۽ چوپائي مال لاءِ نهيل لانڍي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي اهڙي خبر اخبارن ۽ شوشل ميڊيا تي اچڻ کان پوءِ با اثر ڏيرن جانب ناريجو حليم الله ناريجو غلام شبير ناريجو ۽ درويش عرف درو ناريجو بيوهه کي ٻارن سميت قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ بااثر بيواهه جي گهر ۾ داخل ٿي ڪري ٻارن سميت سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي. جڏهن ته مهيسر وڏا جو ايس ايڇ او بااثر ماڻهن اڳيان بي وس بڻيل آهي بيوهه ارباب خاتون جو چوڻ آهي ته اگر مون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا ڏير نالي جانب ناريجو حليم الله ناريجو غلام شبير ناريجو ۽ درويش عرف درو ناريجو هوندا بيوهه ايس ايس پي خيرپورحسن سردار نيازي ۽ ڊي ايس پي پير جو ڳوٺ کان مطالبو ڪيو آهي ته منهنجي ڏيرن خلاف قانوني قدم کنيو وڃي ۽ منهنجي گهر تي ٿيل قبضو ختم ڪرايو وڃي ۽ واش روم منهنجي گهر اڳيان ڊهرائي وڃي ۽ مون جي گهر جو ٽٽيل تلڪو هٽائي ڏيڻ مان انتهائي غريب بيوهه عورت آهيان مون سان انصاف ڪيو وڃي هن چيو ته اگر مونسان انصاف نه ڪيو ويو ته ٻي صورت ۾ مان هاءِ ڪورٽ سکر اڳيان ٻارن کي ساڻ ڪري ساڙي ڇڏيندس جنهن جا ذميوار منهنجا بااثر ڏير ۽ خيرپور جي انتظاميا هوندي.

جيڪب آباد پوليس ۽ هٿيارٻندن وچ ۾ مبينه مقابلو

ڌوهاري ڄام جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري کيس لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ٻولان واري پاڙي ۾ پوليس ۽ هٿيارٻندن وچ ۾ مبينه مقابلو ٿي پيو پوليس پاران مقابلي بعد جيڪب آباد جعفرآباد جي رهواسي ڌوهاري ڄام جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس زخمي ٿيل جوابدار کي جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي، جوابدار جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري کيس لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ صدر ٿاڻي جي ايس ايڇ او يار محمد لاشاري صحافين کي ٻڌايو ته سبزي منڊي جي واپاري کان ڦر واري واقعي کان پوءِ اسين سختي سان گشت شروع ڪري ڏنو ۽ اڄ صبح هن سميت 3 جوابدار ڦر جي ارادي سان بيٺل هئا جن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ پنهنجي ساٿين جي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ هي جوابدار ڄام جکراڻي زخمي ٿي پيو جنهن جا ساٿي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ بعد ۾ اسين هن جوابدار کي گرفتار ڪري ڪئي آياسين پوليس موجب زخمي جوابدار مٿان مختلف ڏوهن جا 7 ڪيس داخل آهن سندس ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن هوڏانهن حد جي صدر ٿاڻي تي پوليس پاران سرڪاري فرياد تي گرفتار زخمي جوابدار ۽ فرار ٿي ويل سندس ساٿين مٿان اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

جيڪب آباد پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار ڄام جکراڻي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ جمن سولنگي جي رهواسي جو احتجاج

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ جمن سولنگي جو رهواسي نذير سولنگي پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير ۾ اچي خانواهڻ پوليس خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته اسان جو رجب عرف لاهوتي سولنگي سان زميني معاملي تان مسئلو ٿي پيو هو چڱي مرد محمد مثل پيرزادي اسان جو لاهوتي سان ڏاهه ڪرائي پاڻ ۾ پاڪر پارائي ڪير ڪنڊ ڪري ڇڏيو هو جنهن کي اٽڪل اٺ مهينا گذري ويا آهن هاڻي وري ٻيهر لاهوتي پيسن لاءِ بليڪ ميل ڪري پيو هن وڌيڪ چيو ته لاهوتي خانواهڻ پوليس کي رشوت ڏئي بنا ڏوهه جي اسان جي گهرن تي ريڊ ڪرائي آهي ريڊ کان پوءِ اسان خانواهڻ ٿاڻي تي پاڻمرادو پيش ٿي سڄي صورتحال

خيرپور: گورنمينٽ ممتاز ڪاليج جي سينئر پروفيسرن ۾ تاڻ

پرنسپل احمد سرڪي سڀني استادن کان جونيئر آهي: پروفيسر اعجاز ڀٽو

خيرپور(ڊ ر) گورنمينٽ ممتاز ڪاليج جي سينئر پروفيسر اعجاز ڀٽو حماد الله شيخ ۽ ٻين پروفيسر ٻڌايو ته گورنمينٽ ممتاز ڪاليج جو پرنسپل احمد سرڪي سڀني

اسان هن کي چئون ٿا ته توهان سڀني کان جونيئر آهيو توهان جو سينئرن سان رويو ٺيڪ ناهي ته پرنسپل وڌيڪ تيز ۽ غصي ۾ اچي وڃي ٿو هنن سنڌ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 19 نومبر 2025ع

هيءَ نفرتن جي سياست جو دور ناهي!

صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال طرفان تازو ڏنل بيان نه رڳو سنڌ جي سياسي فضا کي ڏڪارو ڪيو آهي، پر هڪ ڀيرو ٻيهر اهو تاثر وڌائي ڇڏيو آهي ته ايم ڪيو ايم سڀ ڪجهه وڃائڻ باوجود نفرتن جي پراڻي سياست جو سهارو وٺڻ کان باز نٿي اچي. ڪراچيءَ ۾ ڳالهائيندي جڏهن هن پيپلز پارٽيءَ کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن بلدياتي نظام بابت ڳالهه نه ڪئي وئي ته ”ارڙهين ترميم به ختم ٿي سگهندي ۽ سنڌ ۾ نئون صوبو به ٺهندو“، تڏهن اهو صاف ظاهر ٿي ويو ته ايم ڪيو ايم پنهنجي پراڻي حڪمت عملي ڏانهن موٽي آئي آهي، جنهن ۾ ڌمڪيون، ورهاست جا اشارا ۽ سنڌي- غير سنڌي جي ورهاست ذريعي سياست کي داغدار ڪرڻ سڀ کان اڳيان هوندو آهي. سوال اهو آهي ته ايم ڪيو ايم آخر ڪيستائين نفرتن جو ڪتبو ڪائيندي رهندي؟ ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهين سان ملڪ ۽ قوم کي خطري ۾ وجهي پنهنجو بچاءُ ڪندي رهندي؟ مصطفيٰ ڪمال جي ڳالهين مان هڪ ڳالهه واضح آهي ته ايم ڪيو ايم، جيتوڻيڪ پاڻ کي هاڻي وفاقي سطح تي ذميوار جماعت طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر اندر ۾ اها ئي پراڻي سوچ زنده آهي. هو هڪ پاسي بلدياتي نظام، 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم، پنجاب اسيمبليءَ جي حمايت ۽ ٻين پارٽين جي حمايت جو ذڪر ڪري ٿو پر ٻي پاسي سنڌ جي ورهاست بابت اهڙا جملا به چوي ٿو جيڪي ڪنهن به ذميوار سياستدان کي نه جڳائڻ گهرجن. جيڪڏهن واقعي مقصد بلدياتي نظام کي مضبوط ڪرڻ آهي ته پوءِ سنڌ کي ڌمڪائڻ ۽ ورهائڻ جو ڇا جواز؟ پنهنجي سياست ۾ تاريخي طور ايم ڪيو ايم انهن لمحن ۾ سڀ کان وڌيڪ ورهاست وارا بيان ڏيندي رهي آهي، جڏهن انهن جي سياسي حيثيت ڪمزور ٿي رهي هجي، ڪراچيءَ ۾ سندن ووٽ بئنڪ گهٽجي رهيو هجي، اندروني اختلاف ٻاهر اچڻ لڳندا هجن يا پارٽيءَ ۾ قيادت بابت سوال اُٿن. اهڙي هر وقت ۾ اهي سنڌ جي ورهاست يا نئين صوبي جو نعرو هڻي عوامي جذبات کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن ڀيري به شايد حال ساڳيو آهي.

ڪراچي رڳو معاشي مرڪز ناهي، بلڪ سنڌ جي دل آهي، جتي مختلف ٻولين ۽ نسلن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا. هن شهر کي اقتصادي مشن طور پيش ڪرڻ ۽ ان کي سنڌ کان الڳ مفادن سان جوڙڻ هڪ پراڻي تقسيم پسندي واري سوچ آهي، جنهن جو مقصد صرف هڪ نسل کي ٻئي کان الڳ ڪري سياست بچائڻ هوندو آهي. ڪراچيءَ جا ماڻهو خواهه اهي ڪا به ٻولي ڳالهائيندڙ هجن، سنڌ جي وحدت سان جڙيل آهن. انهن سان جيڪا ناانصافي ٿئي ٿي، ان جو سياسي حل آهي، ورهاست جو نعرو نه. ايم ڪيو ايم جي اها دعويٰ ته بلدياتي نظام بابت سندن جدوجهد هاڻي پوري ملڪ جو مسئلو بڻجي وئي آهي، ضرور غور لائق ڳالهه آهي، پر ان جدوجهد کي ورهاست وارن بيانن سان ڳنڍڻ سندن سياسي نيت کي مشڪوڪ بڻائي ٿو. سنڌ هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ آئيني وحدت آهي. هن زمين جي مٽيءَ ۾ هزارين سالن جي سڃاڻپ سمايل آهي. ورهاست جي ڳالهه هن خطي جي ماڻهن لاءِ هڪ زخم آهي، جيڪو هر ڪجهه عرصي بعد هو تازو ڪري ڇڏيندا آهن. سنڌ جا ماڻهو وسيلن جي ورهاست، اختيارن جي مقامي سطح تائين پهچ ۽ منصفاڻي گورننس ضرور چاهين ٿا، پر انهن مان ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ کي اهڙي سياست قبول ناهي، جنهن ۾ سنڌ وطن جي وحدت سان کيڏيو وڃي. پاڪستان اڳ ئي سياسي ۽ معاشي بحرانن مان گذري رهيو آهي. اهڙي وقت ۾ وفاقي وزير پاران اهڙا بيان ڏيڻ جن ۾ 18هين ترميم ختم ڪرڻ ۽ سنڌ کي ورهائڻ جو اشارو هجي، بيحد خطرناڪ آهي. اهو نه صرف صوبن جي وچ ۾ بداعتمادي وڌائيندو پر سڄي ملڪ ۾ انتشار پيدا ڪري سگهي ٿو. سنڌ ۾ اهڙا جملا باهه جو ڪم ڏين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو اهو چون ٿا ته اهي صرف بلدياتي نظام جي ڳالهه ڪري رهيا آهن انهن کي چڱيءَ طرح سوچڻ گهرجي ته لفظ ڪڏهن ڪڏهن هٿيار کان وڌيڪ نقصان پهچائين ٿا. وقت اچي ويو آهي ته ايم ڪيو ايم پنهنجي سياست جي سمت تبديل ڪري. جيڪڏهن واقعي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪرڻو آهي ته پوءِ ورهاست وارن نعرا ڇڏڻا پوندا. اصل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ محنت، منصوبه بندي ۽ گڏيل سياسي ڪم جي ضرورت آهي، نه ڪي ورهاست، نفرت ۽ ڌمڪين واري سياست جي.

بيدل مسرور جي گهر مان ٿيل چوري!


شهزادي پرڳڙي

بيدل مسرور بدوي جنهن جو اصل نالو بيدل بخش مسرور آهي، سنڌ جي فن ۽ ادب جو هڪ روشن ستارو آهي. 11 جولاءِ 1947ع تي شڪارپور ۾ سندس جنم ٿيو. ايم اي سنڌي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1974ع ۾ ايم اي سنڌي دوران شڪارپور جي لئبررين ۾ رکيل ڪتابن جو ڪيٽلاگ عنوان سان مونوگراف لکڻ سان پنهنجي علمي صلاحيتن جو اظهار ڪيو. ان کان پوءِ سندس زندگيءَ جو سفر ادب، موسيقي ۽ ٽيليويزن سان جڙيل رهيو.

1974ع کان بيدل مسرور پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن سان وابسته ٿيو جتي پاڻ ڪوئيٽا سينٽر تي پنج سال پروڊيوسر طور ڪم ڪيو ۽ بعد ۾ اسلام آباد هيڊ ڪوارٽر ۾ ڊپٽي ڪنٽرولر جي حيثيت سان ڪم ڪيو. ٿورو وقت پي ٽي وي نيشنل جو پروگرام مئنيجر پڻ رهيو. جولاءِ 2007ع ۾ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تان سينيئر پروڊيوسر طور رٽائر ٿيو. هن پنهنجي پيشه ورانه زندگيءَ ۾ سنڌي، اردو ۽ براهوي زبانن ۾ ڪيترائي پروگرام تيار ۽ پيش ڪيا، جن مان ڪيترن تي کيس چار گولڊ ميڊل ۽ ٽي پي ٽي وي ايوارڊ مليا. سندس مشهور پروگرامن ۾ 'هٿين گل مينديءَ' ۽ 'محبتون ڪي سفير' شامل آهن، جيڪي سنڌي شاعرن جي اردو ڪلام تي مبني آهن. بيدل مسرور روايتي صوفياڻي شاعري ڳائڻ سان گڏوگڏ سنڌي موسيقيءَ ۾ جدت آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. خاص طور تي شيخ اياز، امداد حسيني، استاد بخاري، قمر شهباز ۽ ٻين وڏن شاعرن جي شاعريءَ کي مختلف راڳڻ ذريعي پنهنجي تخليقي انداز ۾ پيش ڪرڻ سان سنڌي موسيقيءَ ۾ نئون رنگ ڀريو. سندس چار آڊيو ڪيسٽون به مارڪيٽ ۾ موجود آهن، جيڪي موسيقي ۽ شاعريءَ جي شائقن لاءِ قيمتي اثاثو آهن. سندس تصنيفون پڻ ادب جي دنيا ۾ نمايان مقام رکن ٿيون. 'راڻي' (ناوليٽ 1971ع)، 'پوڳنا جو سفر' (ڪهاڻيون 1988ع)، 'چاهتن جي ٽِواتي تي' ۽ 'آءِ لو يو' (ٻه جاڙا ناول 1999ع) ۽ بعد ۾ 'چاهتن جي ٽواتي تي' (2018ع) ۽ 'آءِ لو يو' (2020ع) ڇپيا. بيدل مسرور ترجمي ۾ به نمايان رهيو، جن ۾ 'قلوپطره' (اردو ناول جو ترجمو 2005ع) ۽ ڪرشن چندر جي ٽن ناولن جو ترجمو شامل آهي. هن جا ڪتاب ادبي تنقيد ۽ ترتيب ۾ پڻ اهميت رکن ٿا، جيئن 'ساگر جي لهرن تي'، 'پيار جو ٽڪندو'، 'بيدل نامو' ۽ 'ڪليات مسرور' وغيره.

سندس خاندان پڻ ادبي ۽ فنون لطيفه سان جڙيل آهي. سندس زال بينا سنڌي ڊرامن جي مشهور اداڪاره آهي، جڏهن ته پٽ پارس مسرور ٽي وي اداڪار ۽ پاڪستان آرٽس ڪائونسل ۾ هدايتڪاري ۽ اداڪاريءَ جي تربيت تي مامور آهي. ٻيو پٽ ڪليات مسرور فلم ڊائريڪٽر ۽ ڪمرشل پروجيڪٽس ۾ سرگرم آهي. بيدل مسرور هن وقت سچل ڳوٺ ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن. تازو بيدل مسرور سان هڪ اڻوڻندڙ واقعو پيش آيو. سنڌي ادب ۽ موسيقيءَ جي هن بلند مرتبي شخصيت جي گهر ۾ چور داخل ٿي 70 لک رپيا چوري ڪري ويا. رقم، جيڪا گيهه جي دٻن ۾ لڪائي وئي هئي، چورن جو نشانو بڻجي وئي. بيدل مسرور ٻڌائي ٿو ته چورن کي خبر هئي ته رقم گيهه جي دٻن ۾ آهي، انهيءَ ڪري انهن خاص دٻن کي هدف بڻايو. چوريءَ واري رات بيدل مسرور آرٽس ڪائونسل ۾ پنهنجي پٽ جو ڊرامو ڏسڻ ويو هو. جڏهن رات جو گهر واپس آيو ته دروازو کوليو ته سامان وکريل پيو هو ۽ هڪ دٻو جنهن ۾ 30 لک رپيا هئا، غائب هو. ٻئي ڏينهن جڏهن هو پوليس وٽ چوريءَ جي رپورٽ داخل ڪرائڻ لاءِ ويو ته معلوم ٿيو ته ٻيو دٻو جنهن ۾ 40 لک رپيا هئا، پڻ چور کڻي ويا هئا. چور جيڪي عقبي دروازي کان داخل ٿيا، صرف مخصوص دٻو ئي کڻي ويا. جنهن تي پوليس شڪ ڪري رهي آهي ته اهو ڪم ڪنهن ويجهي شخص جي مدد سان ڪيو ويو. ڊي ايس پي صادق اوڍو جو چوڻ آهي ته چوري منصوبابنديءَ سان ڪئي وئي ۽ ان ۾ صرف گهربل رقم جو هدف رکيو ويو. بيدل مسرور ۽ سندن خاندان لاءِ هي واقعو تمام ڏکيو ۽ حيران ڪندڙ آهي، ڇو ته هو سمجهندو هو ته رقم لڪائڻ جو اهو محفوظ طريقو آهي.

هن واقعي سان سنڌ جي مشهور فنڪار، شاعر ۽ موسيقار جي زندگيءَ ۾ هڪ ناخوشگوار موڙ آيو آهي، پر سندس ادبي ۽ موسيقي خدمات سنڌي سماج ۾ اڄ به روشن مثال آهي. بيدل مسرور جي ڪردار ۽ ڪم نه رڳو سنڌي ادب ۽ موسيقيءَ کي نئون رنگ ڏنو پر مستقبل جي نوجوانن لاءِ هڪ سبق پڻ آهي ته هنر، تخليق ۽ علم سان ماڻهو سماج ۾ پنهنجي جاءِ حاصل ڪري سگهي ٿو. ان کان سواءِ، بيدل مسرور جا پروگرام ۽ موسيقيءَ جا تجربا سنڌي ثقافت کي بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سندن تخليقيت ۾ روايت ۽ جديديت جو ميل هجڻ انهن کي خاص بڻائي ٿو. ڪيترائي محقق ۽ موسيقيءَ جا شاگرد بيدل مسرور جي ڪم مان سبق وٺندا آهن ۽ سنڌي موسيقيءَ ۾ جدت آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

آمريڪا جي فضائن مان

بنگلاديش ۾ تاريخ جو پلٽجندڙ صفحو ۽ آدم شڪن اقتدارن جو انجام!

راجا زاهد اختر خانزاده

وقت ڪڏهن به هڪ جهڙي تي ٽڪيل نٿو رهي. طاقت جا ايوان، ڀلي ڪيترا به اوچا ڇو نه هجن، سندن ڇانو هميشه قائم نٿي رهي سگهي. انسان ۽ اقتدار جو ناتو به ان مٽيءَ وانگر آهي جيڪا برسات جي پهرين بوند پوندي ئي پنهنجو روپ، پنهنجو رخ ۽ پنهنجو انجام بدلائي ڇڏيندو آهي. پر اسان جي خطي جا حڪمران هميشه اهو وساري ويهندا آهن ته زمين صدين تائين سڀ ڪجهه سهندي ضرور آهي پر هڪ ڏينهن اهو مظلوم قرض ضرور لاهي ٿي.

اڄ بنگلاديش ۾ ٻن ڦاهين ۽ ٽن عمر قيدن جو جيڪو فيصلو ٿيو، تنهن رڳو هڪ عدالت جو رڪارڊ درست نه ڪيو پر سڄي ڏکڻ ايشيا جي سياست جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. هي رڳو هڪ عورت جي زوال جو قصو ناهي پر سڄي خطي جي فرعونن لاءِ ناقابل فراموش پيغام آهي. پندرهن سالن تائين تخت تي ويٺل شيخ حسينه واجد اڄ ڏوهاري قرار ڏني وئي آهي. جيڪا ڪالهه ڊرونز ۽ هيليڪاپٽرن ذريعي شاگردن تي فائرنگ جو حڪم ڏيندي هئي، اڄ دهليءَ جي ڪنهن پوش گهٽيءَ ۾ بند دروازن جي پويان پناهه جي تلاش ۾ ويٺل آهي.

هندستان جا حڪمران جن ڪيس ڪڏهن پنهنجي حڪمت عملي وارو اثاثو سمجهيو هو، اڄ ساڳي عورت انهن لاءِ بار بڻجي چڪي آهي. برطانيا سندس سياسي پناهه جي درخواست رد ڪري ڇڏي، آمريڪا سندس ويزا منسوخ ڪري ڇڏي ۽ هاڻي بنگلاديش هندستان کان سندس حوالگيءَ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. دهليءَ جي پاليسي سازن جي چهرن تي پکڙيل ساڪن خاموشي ٻڌائي رهي آهي ته تاريخ هڪ ڀيرو ٻيهر سڀني کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي.

بنگلاديش جي انٽرنيشنل ڪرائمز ٽربيونل هي سخت فيصلو اهڙي وقت ٻڌايو آهي، جڏهن ڊاڪا جون گهٽيون اڃا تائين انهن رت جي ڦڙن جي گواهي ڏئي رهيون آهن، جيڪي شاگردن جي جسمن مان وهيا هئا. عدالت صاف لفظن ۾ لکيو ته حسينه واجد احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي پنهنجي طاقت جي جڪڙيءَ ۾ پيسيندي رهي. پنجاهه سالن بعد هڪ ڀيرو ٻيهر هن ملڪ دنيا کي ڏيکاريو آهي ته مظلوم جو ساهه حاڪم جي تخت کان وڌيڪ طاقتور هوندو آهي.

فيصلي کان پوءِ ڊاڪا جون گهٽيون جشن سان ڀرجي ويون. قومي جهنڊن جون قطارون لهرائڻ لڳيون. ماڻهن جي چهرن تي اها روشني هئي، جيڪا رڳو ان وقت جنم وٺي ٿي، جڏهن ڪنهن قوم کي پهريون دفعو انصاف جي خوشبوءِ محسوس ٿئي. ڪي مظاهرين شيخ مجيب جي گهر کي ڊاهڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. اهو گهر، جيڪو ڪڏهن مقدس علامت سمجهيو ويندو هو، اڄ عوام جي غضب جو مرڪز بڻجي چڪو آهي.

هڪ پل لاءِ تاريخ پنهنجو قد اوچو ڪري سڄي خطي کي آئينو ڏيکاري ڇڏيو آهي. پاڪستان، هندستان، سري لنڪا، نيپال، سڀني لاءِ هيءَ لحظو غور ڪرڻ جهڙو آهي، ڇو ته هيءَ رڳو بنگلاديش جي ڪهاڻي ناهي، هي ڏکڻ ايشيا جي اها گهري لڪير آهي، جيڪا هر آمر جي پيشانيءَ تي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور نروار ٿئي ٿي.

هي پهريون دفعو ناهي. دنيا جا وڏا وڏا بادشاهه ۽ آمر اهڙي طرح زوال ڪائي ويا.

حسني مبارڪ پنهنجن ئي ماڻهن جي هٿان ڪِرندي ڏٺو.

قذافي اهو ئي سمجهندو رهيو ته سندس خيمن جو طاقتور پاڇو ڪيس هميشه بچائيندو.

فرانڪو گمان ڪندو رهيو ته سندس لوهه جو پنجو وقت کي روڪي وٺندو.

مارڪوس خيال ڪندو رهيو ته سندس زال جا هزارين جوتا سندس بادشاهت جو ثبوت آهن.

۽ پنوشي دعويٰ ڪندو رهيو ته تاريخ سندس لوهه جي حڪومت جو رستو بدلائي نٿي سگهي.

پر تاريخ سڀني کي ڪوڙو ثابت ڪيو. اقتدار جو هر فرعون پنهنجي رعونت جي وزن هيٺ دفن ٿيو.

تنهنڪري اسان دنيا جي موجوده حڪمرانن کي چئون ٿا ته ياد رکو وقت هميشه هڪ جهڙو نٿو رهي. اڄ جيڪي ڪجهه توهان هن عوام سان ڪريو ٿا، سڀاڻي جڏهن اوهان جو وارو ايندو ته اهو ئي عوام اوهان جا ڪپڙا به لاهي ڇڏيندو. ڇو ته ظلم جو پهريون ڏوهه مظلوم کي خاموش ڪرائڻ هوندو آهي ۽ آخري ڏوهه ظالم جو پنهنجو ڳلو پاڻ گهٽڻ هوندو آهي.

جن حڪمرانن پنهنجي ماڻهن جا خواب وڪرو ڪيا، سندن خوشيون ڳنڍين ۾ ٻڌيون، سندن سوالن کي غداري چئي جيلن ۾ اڇلايو انهن لاءِ به هي لمحو هڪ دائمي سبق آهي. حسينه واجد پهريون دفعو سن 1971 ۾ هندستان ۾ پناهه ورتي. اندرا گانڌيءَ جي دور ۾ ڇهه سال محفوظ رهي. اڄ ٻيهر ساڳي ڌرتيءَ تي آسمان ڳولهي رهي آهي. پر تاريخ پناهه ڏيندڙن کي به معاف نٿي ڪري. جيڪو ڪنهن ڏوهاريءَ کي پنهنجن ديوارن جي اندر لڪائيندو آهي، سو به انصاف جي ڪٽهڙي کان بچي نٿو سگهي.

بنگلاديش جي عبوري سربراهه ڊاڪٽر محمد يونس هن کي تاريخي فيصلو قرار ڏنو آهي. هي رڳو سياسي نه پر هڪ روحاني فيصلو پڻ آهي. اهڙو فيصلو جيڪو ڪنهن قوم جي گڏيل روح مان اڀري ٿو. اهڙو فيصلو جيڪو ٻڌائي ٿو ته قومون جڏهن جاڳنديون آهن ته تخت به ڪِري پوندا آهن ۽ محل به خالي ٿي وڃن ٿا.

شيخ حسينه واجد هن فيصلي کي رد ڪندي چيو آهي ته حساب اسان به وٺنداسين. پر قومن جي حساب ڪتاب ۾ هڪ وڏو فرق هوندو آهي. حڪمران پنهنجي وقت جو حساب وٺندو آهي، جڏهن ته قومون صدين جو حساب وٺنديون آهن ۽ قوم جو حساب ڪڏهن معاف نٿو ٿئي.

اڄ جيڪو ڪجهه ڊاڪا ۾ ٿيو آهي، اهو سڀ ڪجهه سڀاڻي ڪنهن به ملڪ جي گاديءَ واري هنڌ تي ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪو ڪجهه حسينه سان ٿيو اهو سڀ ڪجهه انهن سياسي درٻارين سان پڻ ٿي سگهي ٿو جيڪي اڄ پنهنجي ضمير جون قبرون کوٽي رهيا آهن ۽ ظلم سان گڏ ظالم جا ساٿي بڻيل آهن. اقتدار جي راند هر دفعي هڪ اصول تي ختم ٿيندي آهي ته جڏهن عوام جاڳي پوندو آهي ته باطل جو پاڇو به پاڻ کي بچائي نٿو سگهي.

وقت تمام طاقتور آهي پر قومون وقت کان به وڌيڪ طاقتور ٿينديون آهن ۽ جڏهن عوام جو وقت اچي ٿو ته نه بنگلن جا در بچن ٿا نه ايوانن جون پٽيون قائم رهن ٿيون.

هي فيصلو رڳو هڪ ملڪ جو نه پر دنيا جي سڀني حڪمرانن لاءِ هڪ الاهي سڏ آهي، جيڪي پاڻ کي قانون کان بالاتر سمجهن ٿا. هي اعلان آهي ته اقتدار هميشه امانت هوندو آهي ۽ امانت ۾ خيانت ڪندڙ ڪڏهن به سلامت نٿا رهن.

27هين ترميم ۽ پيپلز پارٽي

محمد خان ابڙو

پاڪستان جي سياست ۾ شايد ڪڏهن به ايترو فيصلائتو لمحو نه آيو هجي، جيترو اهو وقت اهم هو جڏهن 27هين آئيني ترميم پارليامينٽ مان منظور ٿي ۽ باقاعدي قانون بڻجي نافذ ٿي وئي. اِهو اهو موڙ هو، جنهن نه رڳو رياست جي اندر طاقت جي توازن کي نئين سِر ترتيب ڏنو پر ساڳئي وقت پاڪستان پيپلز پارٽي جي تاريخي موقف کي به هڪ طرح سان قبول ڪيو ته هن ملڪ ۾ مستقل سياسي استحڪام جو واحد رستو مضبوط، شفاف ۽ غيرجانبدار آئيني نظام مان ئي گذري ٿو. پيپلز پارٽي جي نقطه نظر کان هي ترميم رڳو ڪا قانوني شق نه آهي، پر هڪ سياسي اعتراف آهي. اهو اعتراف ته گذريل ٽن ڏهاڪن دوران هڪ طرفي عدالتي فيصلن، جوڊيشل ايڪٽوازم ۽ مخصوص انداز جي احتساب ملڪ جي سياست کي شديد نقصان پهچايو آهي ۽ هاڻي ان کي درست ڪرڻ جو وقت اچي چڪو آهي. 27هين آئيني ترميم جي منظوري ڪانپوءِ هڪ نئين دور جي شروعات ٿي چڪي آهي. پيپلز پارٽي لاءِ هن ترميم جي اهميت ان ڪري به وڌيڪ آهي جو هي قدم انهن پراڻن زخمن کي ڀرڻ جي شروعات آهي، جيڪي عدالتن جي غيرمتوازن روين پارٽي کي ڏنا هئا. اها ساڳي پيپلز پارٽي آهي، جنهن جي قيادت کي 1990ع واري ڏهاڪي ۾ نه صرف سياسي انتقام جو نشانو بڻايو ويو، پر عدالتي فيصلن جو وزن اڪثر انصاف جي بدران سياسي خواهشن ۽ دٻاءَ جي پلڙي ۾ نظر ايندو هو. محترمه بينظير ڀٽو خلاف هلايل ڪيس هجن يا آصف علي زرداري جون طويل نظر بنديون، هر مرحلي تي عدالتن جون ڪيترين ئي ڪارروائيون سياسي بڻيل نظر آيون ۽ انصاف پسماندگي جو شڪار ٿيو.

اهو ئي پس منظر آهي، جنهن ۾ 1990ع واري ڏهاڪي جو بدنام زمانو 'جسٽس ملڪ پاسپورٽ' وارو واقعو اڄ به ماضيءَ جي انهن اونداهين جي ياد ڏياري ٿو. اِهو اهو وقت هو جڏهن هڪ جج جي فيصلي تحت آصف علي زرداري کي قصوروار قرار ڏنو ويو، پر پوءِ جڏهن حقيقتون سامهون آيون ته ثابت ٿيو ته اهو جج نه رڳو سياسي اثر هيٺ هو پر مبينا طور سفارتي پاسپورٽ وٺڻ جهڙو ناجائز فائدا حاصل ڪرڻ جو خواهشمند به هو. پوءِ سوال ابري ٿو ته اهڙو انصاف آخر ڪنهن لاءِ هو؟ ۽ ڪنهن خلاف؟ هن واقعي پيپلز پارٽي کي چٽي طرح اهو احساس ڏياريو ته عدالتي مشينري کي ڪيئن طاقتور سياسي ڌڙا پنهنجي هڪ طرفي بيانيي کي قانوني جواز ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا. ان ئي تاريخي تسلسل ۾ 27هين آئيني ترميم جي منظوري پيپلز پارٽي لاءِ رڳو هڪ آئيني تبديلي نه، پر هڪ علامتي ڪاميابي به آهي. هن ترميم سان ججن جي مقرري، سندن عدالتي اختيار ۽ آئيني تشريح ڪرڻ جي عمل کي نون بنيادن تي ترتيب ڏنو ويو آهي. پيپلز پارٽي ڪيترن سالن کان اهو مطالبو ڪندي رهي هئي ته عدالتي نظام کي سياست جي اندروني ۽ ٻاهرين دٻاءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي ۽ هاڻي اها ڳالهه قانون جو حصو بڻجي چڪي آهي. اِها ترميم آئيني عدالت جو قيام، ججن جي تبادلن ۾ شفافيت ۽ صوبن جي نمائندگي جو متوازن ڪردار يقيني بڻائي ٿي، اهي سڀ نقطا پيپلز پارٽي ڪيترن ئي سالن کان اٿاريندي رهي آهي. بيشڪ ڪجهه معاملن تي پيپلز پارٽي کي اصولي خدشا هئا، خاص طور تي 18هين ترميم جي تسلسل ۽ صوبائي خودمختياري جي بچاءَ بابت پر اها حقيقت واضح آهي ته 27هين ترميم جي آخري شڪل ۾ صوبن جي حقن کي هٿ نه لاتو ويو. اهو ئي نقطو پيپلز پارٽي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ 18هين ترميم جي 'روح' برقرار رهڻ سان اهو يقين به پختو ٿيو ته گهٽ ۾ گهٽ هن محاذ تي جمهوريت سان ڪو ڌوڪو نه ٿيو آهي. اهو ڪامياب نتيجو پيپلز پارٽي جي اصولي سياست، ان جي مزاحمت ۽ ان جي ڳالهين جي سياسي حڪمت عملي سبب ممڪن ٿيو. پر هاڻي اصل سوال اهو آهي ته 27هين ترميم آخر ملڪ جي سياسي ۽ عدالتي ماحول ۾ ڪهڙي تبديلي آڻيندي؟ پيپلز پارٽي جو موقف آهي ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عدالتون پنهنجي اصل ذميواري، آئيني نگراني ۽ غير جانبدار انصاف تائين محدود رهن. ماضي جي تجربن ثابت ڪيو آهي ته جڏهن عدالتون سياسي فيصلا ڪرڻ لڳن ٿيون، تڏهن نه رڳو سياست ۾ غيريقيني صورتحال پيدا ٿئي ٿي، پر سليقي سان عدليه جو وقار به مجروح ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پيپلز پارٽي هميشه چئي ٿي ته عدالتون فيصلو ڪن، پر اهو فيصلو آئين جي روشني ۾ هجي، نه ڪنهن دٻاءَ يا سياسي لابيءَ جي خواهش تحت. هن ترميم ڪانپوءِ اميد پيدا ٿي آهي ته هاڻي سڀ سياسي جماعتن لاءِ هڪ جهڙا موقعا پيدا ٿيندا. ملڪ اڳ ئي انهيءَ ٻٽي معيار جو وڏو نقصان ڀوڳي چڪو آهي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ اڳواڻ تي معمولي الزام به سياسي ڦاسي جو سبب بڻجي ويندو هو جڏهن ته ٻين اڳواڻن خلاف پڪا ثبوت به وقت، طاقت يا اثر رسوخ جي دوڙ ۾ لڪي ويندا هئا. پيپلز پارٽي جو خيال آهي ته هن ترميم ڪانپوءِ ڪو به جج ماضي وانگر ڪنهن طاقت يا دٻاءَ جي بل تي 'مسلط ٿيل' فيصلو نه ڪري سگهندو. آئيني عدالت جو قيام ۽ شفاف مقرريءَ جو نظام سياسي انتقام ۽ ٻنهي پاسن واري عدالتي انصاف کي ختم ڪرڻ طرف اهم قدم آهي. پر پيپلز پارٽي جو سفر هتي ختم نٿو ٿئي. قانون ته ٺهي ويو آهي، پر اصل امتحان ان تي پورو عمل ڪرائڻ جو آهي. جيڪڏهن هن ترميم تي ساڳئي سنجيدگيءَ سان عمل ٿيو جنهن سان اهو منظور ٿيو هو ته پاڪستان جو سياسي مستقبل وڌيڪ روشن ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن هي ترميم به رڳو ڪتاب جي هڪ صفحي تائين محدود ٿي وئي، يا ان تي عمل ڪرڻ دوران روايتي ادارتي رڪاوٽون سامهون اچي ويون، ته پوءِ هي سڄو سڌارو به صرف ڪاغذن ۾ لکيل هڪ خواهش بڻجي رهندو، عملي تبديلي ۾ بدلجي نه سگهندو. پيپلز پارٽي اڄ به اهو ئي چوي ٿي جيڪو اڳ چوندي آئي آهي. 'رياست کي سياست کان مٿانهون رکو، عدالت کي آئين جو وفادار بڻايو ۽ صوبن کي انهن جو حق ڏيو.' جيڪڏهن پاڪستان کي اڳتي وڌڻو آهي ته اهو ئي رستو آهي. 27هين آئيني ترميم هاڻي رياست کي هڪ نئون موقعو ڏنو آهي پنهنجين پراڻين غلطين مان سکڻ جو پنهنجا زخم ڀرڻ جو ۽ مستقبل بهتر بڻائڻ جو. پيپلز پارٽي هن موقعي کي ڀليڪار ڪري ٿي، پر گڏ ئي ان تي ڪڙي نظر به رکندي ته ڪٿي اهي ئي پراڻيون قوتون ان کي پنهنجي خواهشن جي مطابق موڙڻ جي ڪوشش نه ڪن، ڇو ته هن ملڪ جي سياست تمام گهڻو وقت ضايع ڪيو آهي، هاڻ وڌيڪ غلطين جي گنجائش نه آهي.

ٻهار چونڊن ۾ ڪاميابي بعد پاڪ-ڀارت تڪرار ۾ گهٽتائي ايندي؟

جاويد نقوي

ٻهار جي چونڊن مان جيڪي سبق مليا آهن، انهن جا اثر ملڪ جي اندر ته ضرور پوندا. پر اهي اثر پاڙيسري ملڪن لاءِ پڻ دلچسپيءَ جو سبب بڻجندا ۽ انهن کي غور سان ڏٺو ويندو. اپريل ۾ جڏهن وزيراعظم نريندر مودي پهلگام ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي واقعي جي رد عمل طور چونڊ ماحول ۾ پاڪستان سان جنگ جو نعرو هنيو ته اها ڪوشش چونڊن جي نتيجن تي اثر انداز ٿيڻ جي لاءِ ڏٺي وئي ۽ اسان سڀ ان صورتحال کان واقف آهيون. جيڪڏهن واقعي جنگي ماحول ۽ ان ڪانپوءِ پاڪستان سان چئن ڏينهن واري سخت تڪرار نريندر موديءَ جي جماعت کي چونڊن ۾ وڏو فائدو پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي ته پوءِ سوال اٿي ٿو ته ڇا ٻهار ۾ موديءَ جي قيادت هيٺ هلندڙ نيشنل ڊيموڪريٽڪ الائنس جي ڪاميابي سرحدي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌائيندي؟ يا هاڻي جڏهن پاڪستان سان محاذ آرائيءَ جو انتخابي مقصد حاصل ٿي چڪو آهي ته ڇا تڪرار ۾ گهٽتائي ايندي؟ يا پوءِ مودي ٻهار چونڊن ۾ حاصل ڪيل ڪاميابيءَ کي ايندڙ سال ٿيندڙ اهم مغربي بنگال جي چونڊن ۾ ساڳي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو؟

موديءَ جي حامي ۽ مخالف ٻنهي جو چوڻ آهي ته هڪ يا ٻن فوجي واقعن حقيقت ۾ وزيراعظم کي چونڊن ۾ فائدو پهچايو. دعويٰ ڪئي پئي وڃي ته پلوامه حملي ۽ ان ڪانپوءِ پاڪستان سان ٿيل فضائي جهڙپ 2019ع جي چونڊن ۾ نريندر موديءَ جي جماعت کي سياسي فائدا پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي. ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪريو ته انهن جهڙپن ۾ ڪجهه شيون ڀارت جي حق ۾ نه هيون، جيئن پلوامه حملي ڪانپوءِ هڪ ڀارتي پائلٽ جي پاڪستان ۾ شرمناڪ گرفتاري ۽ وڏي پيماني تي اها دعويٰ ته پاڪستان آپريشن سندور/ بنيان مرصوص ۾ ڪيترائي ڀارتي جهاز تباهه ڪيا ويا، جن جي ڳالهه صدر ڊونلڊ ٽرمپ به ڪئي. حڪومت نواز ٽي وي چينلز انهن مناظرن کي يا ته نظرانداز ڪري ڇڏيو يا ان کي وڏي ڪاميابي ٻڌائي عوام جي سامهون پيش ڪيو. هڪ اهڙو مثال به آهي، جيڪو اهو خيال ڪمزور ڪري ٿو ته چونڊن ۾ ڪاميابي لاءِ جنگ هميشه مددگار ثابت ٿيندي آهي. من موهن سنگهه نومبر 2008ع ۾ ممبئي حملي ڪانپوءِ جارحاڻو رد عمل نه ڏئي به ٻيو ڀيرو وزيراعظم چونڊيو ويو هو. جنگي ڌمڪي ڏيڻ جي بدران، هن پنهنجي گهرو وزير کي تبديل ڪيو ۽ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ ۽ پاڪستان سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ پُرامن طريقا اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. من موهن سنگهه مصر ۾ پنهنجي پاڪستاني هم منصب سان ملاقات دوران ڪشمير سان گڏ بلوچستان تي به ڳالهيون ڪرڻ لاءِ آمادگي ظاهر ڪئي، پر اها تجويز ٻنهي پاسن جي اسٽيبلشمينٽ طرفان رد ٿي وئي. ڀارتي اپوزيشن پارٽيون ٻهار جي نتيجن تي شڪايتون ڪري رهيون آهن. ڪانگريس پارٽي ڀارتيه جنتا پارٽي (بي جي پي) ۽ ان جي اتحادين جي 'غير معمولي 90 سيڪڙو ڪاميابي جي شرح' تي حيرانگي جو اظهار ڪري رهي آهي، يعني اين ڊي اي جن سيٽن تي چونڊون وڙهيون، انهن مان 90 سيڪڙو ۾ فتح حاصل ڪئي.

ڪانگريس جو چوڻ آهي ته اڳوڻي وزيراعظم راجيو گانڌي آڪٽوبر 1984ع ۾ پنهنجي ماءُ جي قتل کان پوءِ لوڪ سڀا جي 514 سيٽن مان 404 سيٽون کٽيون هيون. پر اهي ٻهار جي چونڊن ۾ اين ڊي اي جي دعويٰ ڪيل 90٪ ڪاميابيءَ جي شرح تائين نه پهچي سگهيا. ان مان اشارو ملي ٿو ته چونڊن جي عمل ۾ بي ضابطيون ٿي سگهن ٿيون.

هتي به اهم مسئلا آهن، جن کي اپوزيشن کي حل ڪرڻو پوندو. پهريون، جيڪڏهن چونڊن جي نتيجن ۾ مبينه ڌانڌلي ٿي آهي ته اها خراب خبر ناهي. ان جو مطلب آهي ته ڀارت کي گهٽ ۾ گهٽ فاشزم جو ڪو فوري خطرو ناهي، ڇاڪاڻ ته فاشزم لاءِ عوامي حمايت ضروري آهي، جنهن لاءِ بي جي پي کي اڃا محنت ڪرڻي پوندي. ٻيو، جيڪڏهن فوجي ڪارروايون چونڊن جي نتيجن تي اثرانداز ٿيڻ لڳن ته ڀارت وڌيڪ عسڪريت پسند ٿي سگهي ٿو، جنهن سان هندوتوا لاءِ اثر و رسوخ حاصل ڪرڻ آسان ٿي سگهي ٿو. ٻنهي حالتن ۾ وڏو سوال اهو آهي ته اپوزيشن وٽ مودي جي طاقتور ساڄي هٿ جي حڪومت کي چيلنج ڪرڻ لاءِ ڇا منصوبا آهن؟

راهول گانڌي ۽ ان جي ٽيم مودي دورِ حڪومت ۾ ڪجهه سنگين انتخابي بدعنوانين جي تحقيق ڪئي آهي. انهن اليڪشن ڪميشن تي بي ضابطي ۾ ملوث هجڻ جو الزام پڻ لڳايو. تحقيق جا نتيجا دلچسپ ۽ غور طلب آهن، جن ۾ هڪ مثال برازيلي هيئر ڊريسر لارسا نيري جو ڪيس آهي، جنهن جون تصويرون ڀارت جي ووٽر لسٽن ۾ شامل هيون. پر هي اهم تحقيق ڪرڻ کان پوءِ، راهول گانڌي جي پارٽي پنهنجي هڪ مقامي اتحادي سان سيٽن جي ورڇ بابت بحث ڪندي پنهنجي ساک کي نقصان پهچايو ۽ ان جهڳڙي ۾ ٻنهي ڌرين کي نقصان ٿيو. ٻهار جي چونڊن جا نتيجا مڪمل پس منظر کان سواءِ عام لڳي سگهن ٿا. لالو يادو جي مرڪزي اپوزيشن پارٽي، راشٽريه جنتا دل (آر جي ڊي) سڀ کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا، پر 243 سيٽن مان صرف 25 تي ڪامياب ٿي سگهي. آر جي ڊي کي ڪل ووٽن جو 23٪ مليو، جيڪو موديءَ جي اتحادي وزيراعظم نتيش ڪمار جي پارٽي جنتا دل يونائيٽڊ (جي ڊي يو) کان وڌيڪ آهي، جنهن کي 19.25٪ ووٽ مليا. هي غير معمولي آهي ته سڀ کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪندڙ پارٽي ايترين گهٽ سيٽون کٽي سگهي. بي جي پي کي 20.08٪ ووٽ شيئر مليو، پر ان جي باوجود بي جي پي ۽ جي ڊي يو بالترتيب 89 ۽ 85 سيٽون کٽي ويون. آل انڊيا مجلس اتحاد المسلمين 1.85٪ ووٽ شيئر سان 5 سيٽون کٽيون، جڏهن ته ڪانگريس کي 8.71٪ ووٽ ملڻ باوجود صرف 6 سيٽون مليون. ساڳي طرح جا اڻ وڻندڙ نتيجا ڪاٻي هٿ ڌر وارين پارٽين لاءِ به آيا، ۽ اهو ڀارت ۾ ڪيترن ئي چونڊن ۾ عام آهي، جيڪو ملڪ جي 'فرسٽ پاسٽ دي پوسٽ' نظام جو عڪس آهي، جتي هڪ سيٽ کٽڻ سڀني ووٽن کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

1977ع ۾ اندرا گانڌي کي جنتا پارٽي صرف 2٪ ووٽ جي فرق سان شڪست ڏني. ان وقت اندرا گانڌي کي 40.98٪ ووٽ مليا، جڏهن ته اپوزيشن اتحاد وٽ صرف 43٪ ووٽ هئا. انهي بهرحال، اندرا گانڌي 543 سيٽن واري لوڪ سڀا مان 154 سيٽون کٽي ويون. ان جي مقابلي ۾، تازه چونڊن ۾ ڪانگريس کي اڳين جي ڀيٽ ۾ اڌ سيٽون کٽڻ لاءِ به جدوجهد ڪرڻي پئي. اهو اهم نقطو آهي ته جيڪڏهن راهول گانڌي پنهنجي پارٽيءَ کي زنده رکڻ چاهي ٿو ته انهن کي پاڻ کي ۽ عوام کي صحيح طرح سمجهائڻو پوندو.

نريندر مودي جي قيادت ۾ بي جي پي ڪنهن به قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جتي اها مڌيه پرديش، ڪرناٽڪ ۽ مهاراشٽر ۾ ڌڙي بندي ذريعي رياستي حڪومتون ختم ڪرڻ ۽ اليڪشن ڪميشن جي سامهون سوال اٿارڻ جي غير رواجي طريقن سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ته پوءِ اپوزيشن پارٽين لاءِ سڀ کان اهم ڪم ڇا آهي؟ انهن کي شايد پهرين پنهنجي ترجيحات طئي ڪرڻي پونديون. مثال طور، ڪاٻي ڌر وارن کي مغربي بنگال ۾ ممتا بينرجي کي ڪمزور ڪرڻ يا بي جي پي کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڪيرالا ۾ به بي جي پي کي دور رکڻ لاءِ اهڙيون قربانيون ضروري آهن.

ڇا اپوزيشن واقعي يقين رکي ٿي ته اها چونڊن جي ذريعي ڪنهن حقيقي جمهوري عمل ۾ حصو وٺي رهي آهي؟ يا اڄ جون چونڊون صرف ترتيب ڏنل رسمي ڪارروايون آهن، جن جا نتيجا اڳ ۾ طئي ٿيل آهن؟ اليڪشن ڪميشن تي مضبوط ڪنٽرول ان جي واضح علامت آهي. اپوزيشن 'ٻي آزادي جي تحريڪ' تي به غور ڪري رهي آهي، ڇا انهن کي گانڌي وانگر روڊ پڻ گهرجن؟ ۽ شايد گانڌي وانگر پاڪستان سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟ انتهاپسند قومپرست اپوزيشن پارٽيون به بي جي پي کي ان جي عسڪري ميدان ۾ شڪست نه ڏئي سگهن!

لطيفي لاٽ **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

گهيڙان ڪَري نه گهورَ، ٽَڙُ ٽَڪَرِ ڪان نه لَهي؛
جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جِي، پُورَنِ مَٿي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪِي وَهلُورَ؛
جَنهِنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنکي نَدِي ناهِ نِگاهَ ۾.
(سُر سهڻي)

'سيڪا پريان پوچي، نينهن نيٽان ڳڻ ڳالهه وو...'


فقير حاجن نظاماڻي

عاشق زهر پياڪ، وهه پسيو وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ
لڳين لنئون لطيف چئي، ڦنا ڪيا فراق
ٽوڙي ڇڪن ڇاڪ، ته به آهه نه سلن عام سان.

لطيف سائينءَ جي سورمين ۽ سورمن ڪانسواءِ ٻنا نالي ڪردارن جي عشق جي ڳالهه ڪنداسين لطيف سائينءَ جي ڪلام مان عشق هر جڳهه تي چمڪي پيو. جنهن جي روشني پوري دنيا تائين پکڙيل آهي. فقير چون ٿا ته، عشق جي معاملن تي سائنس جي ڪا رسد نه پهتي آهي، پر پوءِ به ڪوشش ڪئي اٿن پهچ حاصل ڪري ته عشق کي ڇا ڪندا؟ عشق پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي، نه نفعي جي پرواهه نه زندگي موت جي قصد. طالب ۽ مطلوب پاڻ هڪ آهن. بس ٻئي سان هڪ ٿي رهڻ جي خواهش هوندي آهي. فاصلا، وقت عشق جي اڳيان محتاج آهن. زندگيءَ جو احساس دوست جي موجودگي ۽ موت عليحدگي کي چون ٿا ته لطيف سائين جن فرمائين ٿا ته،

اٿياري اٿي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ٿي هٺي ويا، پيڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نه وٺي هاڻ مون.

هن بيت ۾ لطيف سائينءَ عشق جي ڪيفيت جي ڳالهه ڪئي آهي ته جڏهن محبوب مون وٽان اٿيا ته منهنجو جيءَ ۾ آزار اٿاري ويا. منهنجا محبوب، حبيب آهن پر جڏهن مون وٽان اٿيا ته سورن جي پچار جو سبق ڏيئي ويا. منهنجي مرض جا طبيب صرف منهنجا محبوب ٿي آهن. منهنجي جان جسم پنهنجي پرينءَ ڪانسواءِ بلڪل پسند نه آهي. پنهنجي ڪيفيتن جو تذڪرو فقيرن اهڙيءَ ريت ڪيو آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو ته عشق جي خوراڪ محبوب جي صورت جو

محبوب جي ڀيو ڪوبه نٿو وٺي. هن بيت ۾ لطيف سائين جن عڪاسي ڪئي آهي ته جڏهن جدائي ٿي وئي آهي ته عاشق بيماري واري حالت ۾ يار جي ياد ۾ تڙپي رهيو آهي. ڊاڪٽر دوا جي لاءِ آيو آهي، جنهن کي سنڌي ويڄ چئون ٿا. اهو ڏني نٿو وٺيس. ان ڊاڪٽر کي چوي ٿو ته منهنجي هن حال جو حبيب هادي پنهنجو محبوب آهي. هر عاشق جي ڪيفيت جي عڪاسي هن بيت ۾ ٿيل آهي، پر ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ به انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻ لازمي آهي. نه ته عام ماڻهو هنن اعلىٰ ڪيفيتن کي وقت جو زيان چون ٿا، يا وري جسماني ٿڪاوٽ جي آسائش ڪوٺين ٿا. پر عشق جي ڪيفيت کي به ڪي عاشق سمجهن ٿا. ٻين ماڻهن جي لاءِ هي تحفو ڏاتيءَ عطا نه ڪيو آهي. چون ٿا ته هر ڪنهن روح کي هيءَ عشق جي ڪيفيت نصيب ناهي ٿيندي، جنهن پاڪ روح کي رب سائين مقام عطا ڪري، عشق جي ڪيفيت گهٽ ظرف وارن لاءِ نه هوندي آهي، اعلىٰ ظرفن کي جڏهن ملندو آهي ته ضمير روشن ٿي ويندو آهي. فقير چون ٿا ته جڏهن عشق جو سواد انسان جي وجود سان ملي وڃي ٿو هيءَ دنيا رنگين ۽ خوشبوادر ٿي لڀائيندڙ ٿي لڳي.

حبيب ٿي هادي ٿيو رهنماء راحت
پيڙا نيائين پاڻ سين، لاٿي ڏٺي لٽ
سپيريان صحت، ڏنيم منجهان ڏڪندي.

لطيف سائينءَ جن فرمائين ٿا ته حبيب ٿي هادي ٿين ٿا ته انهن جي رهنمائي راحت ٿي، پوي

پنهنجي وجود ۾ پنهنجي محبوب کي ڳوليندا آهن. سور به محبوبن سان گڏ هجن ٿا ته ديدار به يار جو هوندو اٿن.

سائر صحت سپرين، آهي نه آزار
مجلس وير مٺو ٿئي،
ڪوئيندي قهار
خنجر تنهن خوب هٺي جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساهه جون.

لطيف سائين جن هن بيت ۾ فرمائين ٿا ته سائر يعني مرض جو علاج، ٻڪي ڦڪي، (سائر هڪ اهڙي ٻڪي آهي جيڪا ٻهراڙين جا ماڻهو ڦٽن تي هڻندا هئا يا اڄان به ڪٿي ان عمل کي دهرايو ويندو هجي پر هاڻ سائنسي طبع جو دور هلي رهيو آهي) لطيف سائين فرمايو آهي ته منهنجو محبوب منهنجي لاءِ علاج آهي، عشق ۾ ڪو به آزار ناهي هوندو. پر جڏهن محبوب سڏيندو آهي ته ان مهل مٺو هوندو آهي. ڇو جو ان جو نالو قهار به آهي، جنهن سان ياري رکي ٿو ته ان کي خنجر خوب هٺي ٿو. صاحب جي نظر ساهه جي رڳن تي هوندي آهي. فقير چون ٿا ته، عشق ۽ عبادت ۾ دوئي ڪرڻ يعني ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪرڻ ڪفر آهي. ان ڪري عاشق پنهنجي محبوب کي ٻين لوازمات کان پري ڇڏيندو آهي، ان کي جيڪا تڪليف ٿئي ته اها ڪيفيت ٻين شين

ڪجهي پر انهن لفظن جو لطف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا ڳالهه ڪرڻي پوي ٿي جيڪا اندر ۾ ويهي رهي ٿي هر دفعي لطيف سائينءَ جي بيتن جي ڪيفيت ۽ سوادي ذائقو مٺيل ملي ٿو هي هڪ ڳالهه جو ثبوت آهي ته لطيف سائين پنهنجي اصل ڪيفيت اسان لاءِ رکي آهي. جهڙي حلت ۾ اسان آهيون ان ڳالهه جو اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا. فقير چون ٿا ته، عشق جي ڪيفيت حقيقي هجي يا مجازي فرق صرف محبوب هوندو آهي پر عاشق جي اندر ۾ حقيقي جذبو ئي هوندو آهي. جنهن جو نالو مجازي هجي يا حقيقي هجي. اندر جي حلت ساڳي هوندي آهي. پر هنن ڳالهين جي خبر به انهن ماڻهن کي پوندي جيڪي هنن حلتن مان گذريا هوندا ته عاشق ۽ معشوق جي وچ وارو وقت ۽ فاصلو ڪيئن ختم ٿئي ٿو ٻن جسمن جي مٿان عشق هڪ سواري مخلوق جي عقل کي خاموش ڪيئن ڪري ٿي ڇڏي، پر هن عشق جي اعلىٰ جذبي کي حاصل ڪرڻ لاءِ سر جو سودو ڪرڻو پوي ٿو. جتي نه واپسي آهي نه بزدلن جي منزل آهي حقيقي هڪل تي سر لاهي ڏيڻ وارن سچن جي ضرورت هوندي آهي اصلي عشق جو مزو به آهي عاشق وٺن ٿا، باقي نفس جا پوڄاري پنهنجي جسم کي پلي ڪيڻن جي لاءِ تيار ڪندا رهن ٿا.

سِر جدا ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾
سي مر ڪن پچار، حاضر جنين هٿ ۾.

عاشق پنهنجي جسم کي ساڙي خاڪ مثل بڻائي محبوب جي رضا حاصل ڪري ٿو عشق جي مئڪدي ۾ ٻٺن جي هيٺان باهه ٻري ٿي، جنهن ۾ عاشقن جا سر ڪڙهن پيا. لطيف سائين عاشقن جي اهڙي ڪيفيت جو بيان ڪيو آهي. جدائي عاشق ۽ معشوق نه رهندي آهي، ٻئي هڪ ٿي ويندا آهن جسم

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر15 سال 2025

شريمتي Marvan زال گومون بالغ هندو ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ محمد صديق ڪبري تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ....ايپليڪينٽ..خلاف:(1) شريمتي ڪويتا زال لڇمڻ بالغ هندو ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ محمد صادق ڪبري تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ (2) پبلڪ ايٽ لارج....ريسپانڊنٽس. مائنر/ وارڊ: انيتا ڌيءُ لڇمڻ، نرملا ڌيءُ لڇمڻ، تيرٿ داس پٽ لڇمڻ پرڪاش پٽ لڇمڻ

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم7، 10 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي مٿي ڄاڻايل صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي اينڊ گارڊين جج-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر82 سال 2025

مسمات سوهاڻ ڌيءُ مولا بخش زال رمضان مسلم بالغ ذات لاشاري رهندڙ ويجهو هارون پان شاپ پاڪ ڪالوني ميرپورخاص...پلينٽف....خلاف: رمضان پٽ قاسم مسلم بالغ ذات لاشاري رهندڙ تعلقو ٽنڊو فضل ضلعو ٽنڊو محمد خان. سيل نمبر: 03083176972، 03293142113....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/گارڊين جج-I ڪوٽڙي
گارڊين ايپليڪيشن نمبر18 سال 2025

مسمات فضيلا ڌيءُ محمد بخش رهندڙ هائوس نمبر DP 40 R.B.B ڪالوني ڄامشورو....ايپليڪينٽ..خلاف: برڪت علي پٽ شفيع محمد عالماڻي رهندڙ B-147 نارٿ قاسم آباد فيز-2 قاسم آباد.... آپونينٽس....مائنر/وارڊ: (1) بي بي عائشه ڌيءُ برڪت علي.

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 25 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/گارڊين ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2025

مسمات رضوانه ڌيءُ عبدالرزاق رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان سٽي...پلينٽف...خلاف: وسيم پٽ خير محمد ذات خاصخيلي رهندڙ مين ماتلي ڊگهڙي بيسائيڊ اڪرم واهه تعلقو ماتلي ضلعو بدين. ٻي ايڊريس: سولجر بازار قول والي گلي پي.ايس سولجر بازار ضلعو ڪراچي...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2284 سال 2025

مسمات بسمه ڌيءُ ميان خان رهندڙ حال مصطفيٰ پارڪ يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد..پلينٽف..خلاف: اعجاز علي پٽ محمد رحيم ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ لاڪا تعلقو مانجهند يو.سي لاڪا ضلعو ڄامشورو..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي.اين شاهه
فيملي سوٽ نمبر 113 سال 2025

مسمات ستارا زال جاويد ڌيءُ خادم حسين منگي وينل شهباز ڪالوني ڪي.اين شاهه تعلقو ڪي.اين شاهه ضلعو دادو..مدعي..خلاف: جاويد ولد حاجي ولد حاجي علي حسن سمون وينل اصل ڳوٺ دلمراد سمون تعلقو ڪي.اين شاهه حال سيهواڻي محلا ڄامشورو ڦاٽڪ ضلعو ڄامشورو..مدعا عليه

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي.اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 551 سال 2025

مسمات سڪينه ڌيءُ غلام قادر مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ ديوان ڪوڙو مال ديهه-26 داد تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: جاويد احمد پٽ علي حيدر خاصخيلي مسلم بالغ رهندڙ علي حيدر خاصخيلي چڪن اسٽاپ تاج ڪالوني نوابشاهه سيل نمبر: 0328-2405910....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات عذرا شيخ ....پلينٽف..خلاف: عابد علي ولد وزير علي ذات ڀٽ رهندڙ ريلوي اسٽيشن ڪوٽڙي رڪشا اسٽاپ ڄامشورو موبائل نمبر 03172039387....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

اطلاع گمشدگي

هر خاص و عام کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون عرفان احمد عباسي ولد هدايت الله عباسي رهندڙ گهر نمبرB-17 ، محلا ذيشان ڪالوني نزد سٽيزن ڪالوني، قاسم آباد، ضلع حيدرآباد. بنگلو نمبرB-17، ايراضي 200 اسڪوائر يارڊ، ذيشان هائوسنگ اسڪيم ديهه ڄامشورو، قاسم آباد حيدرآباد جا اصل ڪاغذات ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن. گهڻي ڳولا باوجود ناهن ملي سگهيا. منهنجا اصل ڪاغذات مون کي ملي ويا ته انهن کي واپس آفيس ۾ جمع ڪرائي ڇڏيندس.

پاران: عرفان احمد عباسي ولد هدايت الله عباسي، رهندڙ گهر نمبرB-17، محلا ذيشان ڪالوني نزد سٽيزن ڪالوني، قاسم آباد، ضلع حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڄي ته عرضدار نالي حاڪم علي ڏاهري ولد محمد قاسم رهندڙ ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد قاسم ولد ابراهيم ڏاهري تاريخ 06-02-1997 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/سروي نمبر 99/4، 104/3،4، 151/1، 163/2 ايراضي 7-17 ديهه .. ٽپو. تعلقو حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) حاڪم علي (پٽ) (2) الهه بچايو (پٽ) (3) عبدالحڪيم (پٽ) (4) مسمات رحمت (ڌيءَ)، (5) مسمات مريم ڏاهري (بيواهه)، جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته نالي شاهزيب ولد امير بخش وينل ڳوٺ ڄاڄپور تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس امير بخش ولد محمد سومار خاصخيلي جيڪو پوليس کاتي رٽائرڊ "سپاهي" هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 08-06-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات نسرين (بيواهه) (2) زوهيب خاصخيلي (پٽ) (3) زاهد علي (پٽ) (4) شاهزيب (پٽ) (5) شازيه (ڌيءَ)، (6) نازيه (ڌيءَ)، (7) رضيه (ڌيءَ)، (8) نادره (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) عرفان علي ولد ڪريم بخش خاصخيلي ۽ جاويد ولد رجب علي خاصخيلي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي بشير احمد لاکو ولد جيئندو وينل ڳوٺ شير محمد ٺوڙها تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس ڏاڏي نالي مسمات نوران زال مٺو جيڪو تاريخ 17-09-1985 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڏايرو لعل تپو ڏايرو لعل تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (نوران جا وارث: 1)جڙيو ولد مٺو (فوت ٿيل) پٽ، (2) جيئندو ولد مٺو (فوت ٿيل) پٽ، (جڙيو فوتي غير شادي شده جا وارث): (1) جيئندو (فوتي ڀاءُ)، (جيئندو جا وارث): (1) بشير احمد لاکو ولد جيئندو (پٽ) (2) محمد بخش ولد جيئندو (پٽ) (3) محمد رمضان ولد جيئندو (پٽ) (4) مسمات زليخان ولد جيئندو (ڌيءَ)، (5) مسمات فاطمه جيئندو (ڌيءَ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سني فقه مسلمان هو سندس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي نور محمد ولد مير محمد چانڊيو، عبدالجبار ولد محمد حسن ڪنيار جن ڳوٺ شير محمد ٺوڙها مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي منظور علي ولد امام الدين ڪوسو وينل حاجي بچو عيسائي ڪوسو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي امام الدين ولد ڏاتڻ عيسائي ڪوسو جيڪو تاريخ 26-12-2002 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه گنگگ تپو اي-سلطانپور تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) منظور علي (پٽ) (2) عبدالرزاق (پٽ) (3) عبدالرزاق (پٽ) (4) نور واحد (پٽ) (5) اشهد (پٽ) (6) حماد الدين (پٽ) (7) حسيب الدين (پٽ) (8) مسمات بينظير (ڌيءَ)، (9) مسمات آمنه (ڌيءَ)، (10) مسمات منيران (ڌيءَ)، (11) مسمات سعود (ڌيءَ)، (12) مسمات نويده (ڌيءَ)، (13) سهيل اڪبر (پٽ) (14) مسمات زرينه (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سني فقه مسلمان هو سندس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي: محمد عيسيٰ ولد ولي ڪوسو (2) محمد حنيف ولد سليمان ڪوسو جن ڳوٺ حاجي بچو عيسائي ڪوسو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي امام الدين ولد ڏاتڻ عيسائي ڪوسو وينل حاجي بچو عيسائي ڪوسو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي ڏاتڻ ولد اسماعيل عيسائي ڪوسو جيڪو تاريخ 25-06-02 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه گنگگ تپو اي-سلطانپور تعلقو مٽياري ۾ آهي، جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) امام الدين (پٽ) (2) اقبال احمد (پٽ) (3) گلزار ڪوسو (پٽ) (4) گلبهار (پٽ) (5) صدام حسين (پٽ) (6) مسمات حور خاتون (ڌيءَ)، (7) مسمات نذيران (ڌيءَ)، (8) مسمات نور بانو (ڌيءَ)، (9) مسمات زينب (ڌيءَ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سني فقه مسلمان هو سندس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي: محمد عيسيٰ ولد ولي ڪوسو (2) محمد حنيف ولد سليمان ڪوسو جن ڳوٺ حاجي بچو عيسائي ڪوسو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالله ولد سومار ديدو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي سومار ولد رحمت الله ديدو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ريٽ تپو ڪامارو تعلقي بدين ۾ سروي 421 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ فتح محمد ديدو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي سومار ولد رحمت الله ديدو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالله پٽ فوتي جو 2 مسمات جميلان زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

بحڪم: مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي نصير احمد ولد غلام حسين ذات ميان رهندڙ ڏاسوڙي ديهه ڏاسوڙي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي مروت زال غلام حسين تاريخ 01-05-1992 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ (1) غلام حسين ولد عبدالخالق رهندڙ ڏاسوڙي (2) رسول بخش ولد محمد جمن رهندڙ ڏاسوڙي يونين ڪائونسل ڏاسوڙي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي مروت زال غلام حسين سندس پويان هيٺيان وارث (1) عبدالخالق (پٽ) (2) سيف الله (پٽ) (3) غلام علي (پٽ) (4) ميان شفيع محمد (پٽ) (5) عبدالغني (پٽ) ڇڏيا آهن. تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو.

يونين ڪائونسل ڏاسوڙي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مير محمد ولد مياندا درخواست ڏني آهي ته نالي لشڪر خان ولد شير خان ۽ مياندا ولد شير خان جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه نانگو تپو ڏونگهڏي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 378 مان ايراضي حصي موجب 1_06 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ شير خان چانگ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) نالي لشڪر خان ولد شير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد حسن پٽ فوتي جو 2 علي محمد پٽ فوتي جو 3 بانڪي ڌيءَ فوتي جي 4 ساران ڌيءَ فوتي جي تفصيل فوتي (2) نالي مياندا ولد شير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نور محمد پٽ فوتي جو 2 مير محمد پٽ فوتي جو 3 پناڻي ڌيءَ فوتي جي 4 لال خاتون ڌيءَ فوتي جي 5 صاحب زادي ڌيءَ فوتي جي 6 مسمات سومري زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڄي ته عرضدار نالي عاقب علي شيخ ولد علي اڪبر رهندڙ ڳوٺ شيخ ريحان تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي علي اڪبر ولد فتح محمد تاريخ 15-06-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 410/1،2، 482 ايراضي حصي موجب ديهه رڪنپور تپو اي-ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) عاقب علي (پٽ) (2) فائز علي (پٽ) (3) فتح محمد (پٽ) (4) محمد تيمور (پٽ) (5) شاهه رخ علي (پٽ) (6) مسمات شهربانو (بيواهه) (7) عاليه احمد ميان (ڌيءَ)، (8) بي بي صغريٰ (ڌيءَ)، (9) بي بي صدره (ڌيءَ) (10) بي بي رابيل (ڌيءَ)، (11) بيبي عليشاهه (ڌيءَ)، (12) بيبي ڪرن (ڌيءَ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 5th حيدرآباد
سول اپيل نمبر04. سال 2025

ذوالفقار علي ميمڻ ....اپيلانٽ...خلاف: (1) مدني سٽي هائيٽس (فاروقي بلڊرز) معرفت پروپرائيٽر فاروق احمد فاروقي سائيٽ آفيس مدني سٽي هائوسنگ سروس بلاڪ 8 سامهون راجپوتانا اسپتال مين ڄامشورو روڊ حيدرآباد (2) اسد فاروقي ولد سجاد حسين فاروقي پروپرائيٽر مدني سٽي هائيٽس رهندڙ ST-1 سٽي ولاز سيڪٽر A-38 اسڪيم 3 يونيورسٽي روڊ ڪراچي معرفت اٿارني راشد خان ولد محمود خان (3) عبدالغفار ولد توڪل علي رهندڙ گهر نمبر A/21 پرنس ٽائون نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد حال رهندڙ فليٽ نمبر 112 فرسٽ فلور مدني سٽي هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ....ريسپونڊنٽس

نالي مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيلانٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ تاريخ 29-11-2024 ۽ ڊڪري تاريخ 10-12-2024 خلاف جيڪا لرنڊ 5th سينئر سول جج حيدرآباد پاس ڪئي ايف سي سوٽ 625 سال 2016 (ٻيهر ذوالفقار علي ميمڻ خلاف مدني سٽي هائيٽس ۽ ٻيا). تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 5th حيدرآباد

بقايا 1 نوجوان مارجي ويو

سندس حالت سيريس هجڻ ڪري ايڌهي ايمبولينس ذريعي نوابشاهه اسپتال نيو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي لاءِ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو وڃي جڏهن ته مقتول جي سئوٽ هدايت الله ڪوسو ٻڌايو ته پنهنجي برادري جي ماڻهن سان پراڻي دشمني هلندڙ آهي جنهن تان اسان جي سئوٽ شهباز کي زمين تي جوابدارن گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن

بقايا 2 1 فوت ٻيو زخمي

واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ۽ زخمي کي ڪٽائي سول اسپتال گهوٽڪي پهچايو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس رڪشا ڊرائيور کي پڪڙي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 3 نوجوان فوت

نهڙي ٿلڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻه ڄڻا ستار نهڙي ۽ ڪريم نهڙي زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال ملي آندو ويو جتان ڪين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا 4 انصاف جو مطالبو

ڏنا هئا. هاڻي ماما زبردستي واڙ جي پيچ ڏاهي ڇڏي اٿن ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ روينيو عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري زمين پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏين اٿن هاڻ اسان کي پنهنجي حصي جي زمين به نٿا لکي ڏين.هنن چيو ته زبردستي گهر تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ مختلف ماڻهو وٺي حراسان ڪرائي رهيا آهن هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي....

بقايا 5 ڪتاب جي مهورت

سنڌ ڪامريڊ اظهرجتوئي مهورت ڪئي وئي مهورت ۽ورسي واري تقريب جي صدارت ڪندڙ سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمرحيدرجتوئي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ اظهر جتوئي هارين پورهيتن مزدورن شاگردن وڪيلن جي حقن سميت جمهوريت جي مضبوطي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي

بقايا 6 فوت

ملي ريفر ڪرڻ بعد دير سان ويڪسين ٿيڻ ڪري زهر جسم ۾ ڦهلجي ويو ۽ نياڻي فوت ٿي وئي

بقايا 7 نزهت صادق

پنهنجن حقن لاءِ اٿڻي آهن ۽ انهن کي مڪمل آزادي حاصل آهي هن چيو ته عورتن کي گهر جي ذميوارين سان گڏ معاشري جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ پڻ حصو وٺڻ گهرجي

بقايا 8 احتجاجي مظاهرو

اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته بااثر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 9 ڪاڙل لاش هٿ

لاش پٽ تي پيل هو پوليس کي ٻڌايو ويو ته ناري ڊاهو ڪاٽي آپگهات ڪيو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو آهي وڌيڪ انهي مان خبر پوندي ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ناري جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 10 احتجاج

پناهه ڪيرس فتح پور ۽ ٻيلن ۾ ٻيلل ڪروڙين روپين جي وڻن کي وڍرائي ٻيلا پوٺن ۾ تبديل ڪرڻ جو سلسلو وڏي پئماني تي جاري آهي

بقايا 11 ملاقات

سي حيسڪو سهيل شيخ جي ساراهه ڪندي چيو ته هن جي قابليت سان حيسڪو جا ڪيترائي مسئلا ٿيا آهن سهيل شيخ بنا ڪنهن فرق جي حيسڪو صارفين جا مسئلا حل ڪري رهيو آهي، اميد ته حيسڪو ۾ وڌيڪ بهتر ايندي

بقايا 12 ورڪشاپ

2022" جي ترويج ۽ عملدرآمد بابت هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو.

بقايا 13 ڪيس داخل

آهن معلوم ٿيو آهي ته هن واردات ۾ ملوث ڪجهه جوابدارن جي ويجهو پهچي وئي آهي جڏهن ته ڪاروباري علائقن ۾ پوليس جو گشت پڻ وڌايو ويو آهي.

بقايا 14 چونڊ

محمد ياسين راجاڪوريجو نائب صدر محمد يونس سولنگي نائب صدر سهيل احمد سومرو جنرل سيڪريٽري قربان ٻگهيو جوائنٽ سيڪريٽري محبوب پيرزادو. جوائنٽ سيڪريٽري برڪت لي ٻگهيو، خزانچي محمد اسماعيل پيرزادو پريس سيڪريٽري جاويد لغاري ورڪنگ ڪاميٽي تي محمد رفيق چنا، گل حسن نونداڻي ممتاز مينگل نظام شيخ عرفان بدر سهول جميل احمد سومرو اڪبر پنهون عبدالوحيد مهيسر علي رضا چنا شاهنواز سومرو محمد جعفر ٻگهيو عرفان بدر سهول احسان علي جاتوري چونڊيا.

بقايا 15 اسپتال داخل

ڳلتي پيدا ڪري ڇڏي آهي واقعي جي اطلاع ملندي ئي جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر جي جنرل سيڪريٽري حافظ عبد الحميد مهر تعلقي ۽ سٽي روهڙي جا عهديدار ۽ ٻين ڪارڪنن اسپتال پهچي مولانا جي حالت ۽ مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو.

بقايا 16 هيٽ ڪانفرنس

ڊي اينڊ انجنيئرنگ سرسيد يونيورسٽي ڪراچي جي محمد بلال عثماني ايڊوڪيٽ هائي ڪورٽ، هيڊ آف ورمين اسلامڪ لاڻزفورمز حيدرآباد مسز طلعت ياسمين، ايسوسيايٽ آفيسر شريعه ڪمپلائنس حبيب بينڪ ميٽرو ڪراچيمفتي حافظ طوبيٰ ڏاني ڪراچي مان پروفيسر ڊاڪٽر علوينه افسر پروفيسر ڊاڪٽر عائشه عشرت رضوي، ڊاڪٽر ڪنيز فاطمه محمد يعقوب ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 17 سيمينار

درويش پيدا ٿيا آهن ته سانگهڙ وقت ڀهرين عورت شاعره مرڪان شيخڻ ۽ شهيد دودو سومرو جو جنم به هن خطي ۾ ٿيو آهي

بقايا 18 احتجاجي مظاهرو

طارق عرف لاهوتي مشوري جعفر مشوري تنيو مشوري ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهينڊي چيو ته ڪيترن سالن کان اسڪول جو نلڪو خراب پيل آهي جنهن سبب اسڪول ايندڙ معصوم ٻارڙا گهرن مان پاڻي پيئڻ ويندا آهن جتي گهرن ۾ ڪتا هجڻ ڪري ڪيترا ڀيرا معصوم ٻارڙا ۽ نياڻيون زخمي ٿي پيا آهن

بقايا 19 جوابدار گرفتار

موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن بدين انسپيڪٽر اعجاز احمد سومرو پنهنجي عملي سان گڏ موٽرسائيڪل تي جعلي سرڪاري نمبر پليٽ لڳائڻ واري ملزم ٻهيش ڪولهي کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ورتو آهي

بقايا 20 ٻه ڄڻا زخمي

وٺڻ کان انڪار ڪندي موڪائي ڇڏيو هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي .

بقايا 21 لاڏاڻو ڪري ويون

سوڳوار ڇڏيا سندس جنازي نماز اباڻي ڳوٺ پيٽرو شريف ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن علي ڏنو خان مهر ۽ چنڊ برادريءَ جي معزز شخصيتن سميت وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي ۾

بقايا 22 قتل ڪري ڇڏيو

ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مقتولا عورت جي والده مسمات حبيبان جکراڻي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجي ڌيءَ حسنه کي سندس مڙس راشد علي ڳورشاڻي قتل ڪيو آهي هن چيو ته 5 مهينا اڳ منهنجي ڌيءَ جي شادي ٿي آهي

بقايا 23 ڪمشنر حيدرآباد

تفصيلي غورويچار ڪيو ويو _ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چيو ته ايل بي جي جو سيزن شروع ٿي چڪو آهي ۽ حيدرآباد ۾ ڦٽاڪن جي فيڪٽري ۾ ٿيل واقعو تمام افسوسناڪ آهي

بقايا 24 ٻه ڄڻا قتل

قتل ٿيل ٻئي ڄڻا الڳ الڳ ڌرجا آهن واقعي بعد ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي هٿيار ڪلي هڪ ٻئي جي گهرن تي حملا ڪري فائرنگ ڪئي ڇني فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو وڌيڪ خونريزي جي خطري سبب ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو انساني جانين کي بچائي خونريزي کي روڪڻ لاءِ مختلف ٿاڻين جي پوليس کي متاثر علائقي ۾ بڪترپند، اي پي سي چين سميت موڪلي ڌرين ۾ فائرنگ بند ڪرائي ايس ايس پي پاران ڌرين کي يقين ڏيارايو ويو ته انصاف ڪيندو وڌيڪ خونريزي نه ڪيو

بقايا 25 احتجاج

سخت احتجاج ڪندي چونڊيل نمائندن انتظاميه ۽ شهرين کي اپيل ڪئي ته قبضا مافيا کي ٻنجو ڊيٽي پلاٽ کي بچايو وڃي

بقايا 26 احتجاج

پيپل‌جادم مهراڻپوٽو ۽ ٻين ڏانهينڊي چيو ته هونڊا ڪمپني اسان مقامي مزدورن سان ناانصافيون ڪيون.اسان جي گهٽ پگهار ڏئي انهي مان به ڪٽوتي ڪئي ويندي هئي.باقي ڪا به سهوليت نٿي ڏني وئي.اسان پگهارون گهٽ ڏيڻ ۽ ناانصافين خلاف ڏانهن ڪئي ته ڪمپني اسان جي روزگار مان فارغ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 27 احتجاجي ڌرڻو

ڪندڙ سرتاج وساڻ محمد علي راجا بليدي سيد گلفام شاهه ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن چيو ته خيرپور شهر جي سرڪاري زمينن تي بااثر بلڊرن محڪمي روينيو جي مدد سان سرڪاري زمينن تي قبضا ڪري پلاٽنگ ڪن ٿا چوته ضلعي ۾ روزانه جي بنياد تي زمينن جي مالڪيءَتي جهڳڙا ٿين ٿا جنهن ۾ روينيو کاتو ملوث آهي ۽ ماڻهن کي ڪوڙا کاتا ڏاهي ڏين ٿا ۽ ساڳيو پلاٽ ڏهن ماڻهن کي وڪرو ڪن ٿا هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سرڪاري پلاٽن تان قبضا ختم ڪرايا وڃن ۽ روينيو کاتي خلاف عدالتي ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 28 عورت فوت

راهوڪي اسٽاپ وٽ موٽر سائيڪل جي ٽائر ۾ عورت جو رئو ڦاسڻ سبب موٽرسائيڪل سلپ ٿي ڪري پئي جڏهن ته پليان ايندڙ ٽرڪ سندن مٿان چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪنڊوجام جي محبوب ڪاٿون جي رهواسڻ عورت نائلا ڏايو موقعي تي چيپاڄجي فوت ٿي جڏهن ته سندس پٽ زخمي ٿي پيو اطلاع تي راهوڪي پوليس پهچي ٽرڪ ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ فوتي عورت جي مڙهه کي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪاروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو عورت جو مڙهه پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻئي پاسي ذريعن موجب فوتي عورت جا وارث ڪابه ڪارروائي نه پيا ڪرڻ چاهين جنهن سبب آخري اطلاعن تائين ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 29 ڪئمپ لڳائي وئي

عباسي، سينيئر سي ايس آر آفيسر برڪت علي سوهو فيلڊ مينيجر عبدالستار ميمڻ ڊاڪٽر غلام سرور مهر ڊاڪٽر ڪنزه فاطمه ۽ ٻين چيو ته او جي ڊي سي ايل هميشه عوام جي ڀلائي وارا منصوبه اڳتي رهندي آهي اڄ جي طبي ڪئمپ به انهي مشن جو حصو آهي انهن چيو ته ڪاري سائي هڪ موتمار مرض آهي جنهن جو علاج تمام مهانگو ۽ ڏکيو آهي پر او جي ڊي سي ايل ٽنڊو عالم ۽ ڀرپاسي جي عوام لاءِ آغا خان جي ڊاڪٽرن ۽ عملي جي ٽيم سندن در تي آئي انهي مرض جي چڪاس ۽ علاج مفت مهيا ڪري رهي آهي هنن چيو ته او جي ڊي سي ايل رستن پيئڻ جي صاف پاڻي مفت ڊسپينسرين شاگردن لاءِ پوائنٽ بسن جي سهولت پڻ ڏيئي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته هن ڪئمپ لڳائڻ جو مقصد اهو آهي ته جيئن غريب ۽ مسڪين ماڻهو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪن هنن چيو ته مستقبل ۾ به اهڙين طبي ڪئمپن جو سلسلو جاري رهندو ته جيئن غريب ۽ مسڪين ماڻهو ڪئمپ ۾ پهچي فائدو وٺي ۽ پنهنجو علاج ڪرائي سگهن

بقايا 30 شرڪت

سلسلو جاري آهي ياد رهي ته حادثي ۾ ٻه نوجوان فوت ٿيا هئا ۽ هڪ عورت زخمي ٿي هئي

بقايا 31 يادگار پروگرام

سيڪريٽري ممتاز علي لغاري ، جوائنٽ سيڪريٽري محمد اسماعيل جت پرويز گل سنڌي تعلقي سجاول جي اڳواڻن شهمير سنڌي، تعلقي شاهبندر جي صدر محمد شريف ڪلمتيءَ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد الطاف جسڪاڻي هميشا مظلومن غريبن مسڪينن ۽ پيڙهيل طبقي جي ماڻهن جي حمايت ڪئي ۽ ظالمن جابرن جاگيردارن سان مهاڏو اٽڪايو اهو ئي سبب هو جو هر مظلوم توڙي ساڃاهه وند ۽ باشعور ماڻهو ڪيس پنهنجو ڀاءُ ساٿي دوست همدرد سمجهندو هو ۽ ظالمن جي لاءِ اک ۾ ڪنڊو هو پاڻ هميشا چوندو رهندو هو ته اي ڌرتي ماءُ دعا ڪجان جڏهن به تنهنجي هنجهه ۾ سمهان ته منهنجي سيني تي گولين جا نشان ته پٺي هجن پر غداري جو نشان ڪڏهن نه هجي سنڌس چيل جملا سچ ثابت ٿيا پاڻ ڌرتي جي عزت آجپي ۽ خوشحالي خاطر سرڻ گهڙي تائين جدوجهد جاري رکي جام شهادت نوش ڪياڻون پر ڪڏهن به ڪنهن ظالم جابر لٽيري پوتار سردار اڳيان نه جهڪيا ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مثال قائم ڪري ويا اسان سنڌس لازوال قرباني کي خراج تحسين ڏيندي ڪيس سرخ سلام پيش ڪريون ٿا شهيد سنڌ الطاف جسڪاڻي جي ورسي تقريب ۾ ايس ٽي پي تعلقي سجاول جا ساٿي ٻجو ملاح محمد جمن هٿيار ارشاد سانگي فيض محمد جهنڊيل تعلقي شاهبندر اصغر لاڪاٽيو عطا محمد بنگلاڻي تعلقي جاتي جا ساٿي صدر علي ملاح فنانس سيڪريٽري عرس گهنو پريس سيڪريٽري حضيفا رونجهو سميت ايس ٽي پي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 32 ڪاهي پيو

آهن ان سنجده مسئلي بابت اسان ڪافي ڀيرا احتجاج ڪري ڊرڻا هڻيا آهن ان باوجود انتظاميه اڄان تائين اکيون ناهين کوليو جيڪي ڪولڻ گهرجي هر مهيني جي ايندڙ بجيٽ ڪٿي خرچ پئي اٿئي ان جي ڪنهن کا به ڄاڻ ناهي ان مان اٿين لڳي رهيو آهي ته اهي ڪاغذي ڪاروائين ۾ شهر جي صفائي سٿرائي تي خرچ ڪيا ٿا وڃن جنهن جي پڻ قانون نافذ ڪندڙ ادارن تحقيقات ڪن ۽ شهر جي بجيٽ هڙپ ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي، اسان جي وس وارن اعلي اختيارين کان گهر آهي ته ان جو نوٽيس وٺي جلد کان جلد پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو وڃي. ٻئي صورت اسان قومي شاهراهه بند ڪنداسين

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد دانش /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شبير احمدبدر شناختي ڪارڊ نمبر 4220164146273 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مهوش شبير (ڌيءَ) 2. نسيم آرا (زوج) 3. ارسلان شبير (پٽ) 4. محمد دانش (پٽ) 5. فيصل شبير (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهسيد محمد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم بلقيس مظهر شناختي ڪارڊ نمبر 4210190041002 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد محمد علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهشنڪر راٿور /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم جمنا شناختي ڪارڊ نمبر 4230185281040 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. جهگن (پٽ) 2. لالجي راٿوڙ (پٽ) 3. ڪهيم جي راٿور (پٽ) 4. جي رام (پٽ) 5. شنڪر راٿور (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقولهريحانه صفدر رنگ والا /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم صفدر حسين رنگوالا شناختي ڪارڊ نمبر 4200031747359 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شيرين مصطفيٰ حسين (ڌيءَ) 2. ابراهيم صفدر رنگ والا (پٽ) 3. ريحانه صفدر رنگ والا (زوج) 4. فاطمه حسن (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهاسد احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم تسنيم احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4220138918327 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عطيه تسنيم (زوج) 2. حرا تسنيم (ڌيءَ) 3. حسن احمد (پٽ) 4. اسد احمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهعظميٰ عبيد الرحمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد سهيل ڪولا شناختي ڪارڊ نمبر 4220106086861 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. خليل الرحمن (پاءُ) 2. عظميٰ عبيد الرحمن (ڌيءَ) 3. صبا مطلوب (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ KARACHI
EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقولهبلال غياث خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غياث الدين خان شناختي ڪارڊ نمبر 4210116472961 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. بلال غياث خان (پٽ) 2. زرين غياث (زوج) 3. دانيال غياث خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

